أَبِي سَعِيدٍ مَوْلَى أَبِي أُسَيْدٍ الْأَنْصَارِيِّ چيو اُنهن عثمان کي بيان ڪندي ٻُڌو جڏهن اهل مصر جي ٽولي جنگ لاءِ چيو ... بس عثمان نبي عليه السلام کي خواب ۾ ڏٺو جيڪي چئي رهيا هُئا تہ رات اسان سان گڏ افطار ڪجان أبو نضرة المنذر بن قطعة العبدي جن أَبِي سَعِيدٍ مَوْلَى أَبِي أُسَيْدٍ الْأَنْصَارِيِّ کان روايت ڪيو آهي ۔ أَبِي سَعِيدٍ مَوْلَى أَبِي أُسَيْدٍ الْأَنْصَارِيِّ مجهول الحال آهي هِن کي صرف ابن حبان ئي ثقہ چيو آهي ۔

فضائل صحابه از احمد ۾ آهي

حَدَّثَنَا عَبْدُ اللَّهِ قَالَ حَدَّثَنِي أَبِي، قثنا يَزِيدُ بْنُ هَارُونَ قَالَ أنا فَرَجُ بْنُ فَضَالَةَ، عَنْ مَرْوَانَ بْنِ أَبِي أُمَيَّةَ، عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ سَلَامٍ قَالَ أَتَيْتُ عُثْمَانَ وَهُوَ مَحْصُورٌ أُسَلِّمُ عَلَيْهِ، فَقَالَ مَرْحَبًا بِأَخِي، مَرْحَبًا بِأَخِي، مَا يَسُرُّنِي أَنَّكَ وَرَاءَكَ، أَلَا أُحَدِّثُكَ مَا رَأَيْتُ اللَّيْلَةَ فِي الْمَنَامِ؟ قُلْتُ بَلَى، قَالَ رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي هَذِهِ الْخَوْخَةِ، وَإِذَا خَوْخَةٌ فِي الْبَيْتِ، فَقَالَ «حَصَرُوكَ؟ قُلْتُ نَعَمْ، قَالَ «أَعْطَشُوكَ؟ قُلْتُ نَعَمْ، قَالَ فَأَدْلَى لِي دَلْوًا مِنْ مَاءٍ، فَشَرِبْتُ مِنْهُ حَتَّى رَوِيتُ، فَإِنِّي لَأَجِدُ بَرْدَهُ بَيْنَ كَتِفَيَّ وَبَيْنَ ثَدْيَيَّ، قَالَ «إِنْ شِئْتَ نُصِرْتَ عَلَيْهِمْ، وَإِنْ شِئْتَ أَفْطَرْتَ عِنْدَنَا ، فَاخْتَرْتُ أَنْ أُفْطِرَ عِنْدَهُ، قَالَ فَقُتِلَ فِي ذَلِكَ الْيَوْمِ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ.

عبد الله بن سلام رضي الله عنه عثمان رضي الله عنه وٽ آيا جڏهن اُهي قيد هُئا ، اُنهن کي سلام ڪيو ۽ اُنهن مرحبا چيو .... عثمان چيو ڇا مان اوهان کي نه ٻُڌايان جيڪو مون ننڊ ۾ ڏٺو ؟ ابن سلام چيو ضرور ۔ عثمان چيو مون خواب ۾ نبي صلي الله عليه وآله وسلم کي ڏٺو ۔

هِن جي سند ۾ فرج بن فضاله سخت ضعيف آهي ۔

مصنف ابن ابي شيبه ۾ آهي

حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ سُلَيْمَانَ، عَنْ أَبِي جَعْفَرٍ، عَنْ أَيُّوبَ، عَنْ نَافِعٍ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ، أَنَّ عُثْمَانَ، أَصْبَحَ يُحَدِّثُ النَّاسَ قَالَ " رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اللَّيْلَةَ فِي الْمَنَامِ، فَقَالَ يَا عُثْمَانُ أَفْطِرْ عِنْدَنَا "، فَأَصْبَحَ وَقُتِلَ مِنْ يَوْمِهِ

ابن عمر رضي الله عنه چيو تہ عثمان رضي الله عنه صُبح جو ماڻهن کي خبر ڏني تہ اُنهن رسول الله صلي الله عليه وسلم کي خواب ۾ ڏٺو ۔ اُنهن فرمايو اي عثمان اسان سان گڏ افطار ڪجان ۔ بس صُبح ٿي تہ اُن جو اُنهيء ڏينهن تي قتل ٿيو۔

هِن جي سند ۾ ابو جعفر غالباً أبو جعفر الرازي آهي جيڪو "سيئ الحفظ" خراب حافظي جا مالڪ هُئا ۔ نسائی "ليس بالقوي" قرار ڏنو آهي ۔ اِهو مختلط ۽ مدلس بہ آهي ۔ نالو عيسى بن عبد الله بن ماهان بيان ڪيو ويو آهي ۔ احمد "مضطرب الحديث" بہ قرار ڏنو آهي ۔

مسند احمد ۾ آهي

حَدَّثَنَا عَبْدُ اللَّهِ، حَدَّثَنِي عُثْمَانُ بْنُ أَبِي شَيْبَةَ، حَدَّثَنَا يُونُسُ بْنُ أَبِي الْيَعْفُورِ الْعَبْدِيُّ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ مُسْلِمٍ أَبِي سَعِيدٍ مَوْلَى عُثْمَانَ بْنِ عَفَّانَ أَنَّ عُثْمَانَ بْنَ عَفَّانَ أَعْتَقَ عِشْرِينَ مَمْلُوكًا، وَدَعَا بِسَرَاوِيلَ فَشَدَّهَا عَلَيْهِ، وَلَمْ يَلْبَسْهَا فِي جَاهِلِيَّةٍ وَلا إِسْلامٍ، وَقَالَ إِنِّي رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الْبَارِحَةَ فِي الْمَنَامِ، وَرَأَيْتُ أَبَا بَكْرٍ وَعُمَرَ، وَإِنَّهُمْ قَالُوا لِي اصْبِرْ، فَإِنَّكَ تُفْطِرُ عِنْدَنَا الْقَابِلَةَ، ثُمَّ دَعَا بِمُصْحَفٍ فَنَشَرَهُ بَيْنَ يَدَيْهِ، فَقُتِلَ وَهُوَ بَيْنَ يَدَيْهِ

عثمان رضي الله تعالي عنه ويهه غلام آزاد ڪري ڇڏيا پوءِ سلوار پاتي جنهن کي اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ نہ پاتو هُئائين ۽ چيائين تہ مون رات خواب ۾ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم کي ڏٺو ابو بڪر ۽ عمر کي بہ ڏٺو اُهي چئي رهيا هُئا صبر ڪر اسان سان گڏ افطار ڪجان ۔

شعيب جي چوڻ موجب اِها سند يونس بن أبي يعفور جي ڪري ضعيف آهي ۔

مسند احمد ۾ آهي

حَدَّثَنَا عَبْدُ اللَّهِ، حَدَّثَنِي مُحَمَّدُ بْنُ أَبِي بَكْرٍ، حَدَّثَنَا زُهَيْرُ بْنُ إِسْحَاقَ، حَدَّثَنَا دَاوُدُ بْنُ أَبِي هِنْدَ، عَنْ زِيَادِ بْنِ عَبْدِ اللَّهِ، عَنْ أُمِّ هِلالٍ ابْنَةِ وَكِيعٍ عَنْ نَائِلَةَ بِنْتِ الْفَرَافِصَةِ، امْرَأَةِ عُثْمَانَ بْنِ عَفَّانَ، قَالَتْ نَعَسَ أَمِيرُ الْمُؤْمِنِينَ عُثْمَانُ فَأَغْفَى، فَاسْتَيْقَظَ، فَقَالَ لَيَقْتُلَنَّنِي الْقَوْمُ. قُلْتُ كَلا إِنْ شَاءَ اللَّهُ، لَمْ يَبْلُغْ ذَاكَ، إِنَّ رَعِيَّتَكَ اسْتَعْتَبُوكَ. قَالَ إِنِّي رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي مَنَامِي، وَأَبَا بَكْرٍ وَعُمَرَ فَقَالُوا تُفْطِرُ عِنْدَنَا اللَّيْلَةَ

شعيب الأرنؤوط چون ٿا تہ

إسناده ضعيف، زياد بن عبد الله قال في " بتعجيل المنفعة " فيه نظر، وأم هلال لا تعرف.

## حسن بن علي رضي الله عنه کان منسوب روايت

المعجم الکبير از طبراني ۾ آهي تہ

حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ رَاشِدٍ الْأَصْبَهَانِيُّ، ثنا إِبْرَاهِيمُ بْنُ سَعِيدٍ الْجَوْهَرِيُّ، ثنا سَعِيدُ بْنُ مُحَمَّدٍ الْوَرَّاقُ، ثنا فُضَيْلُ بْنُ غَزْوَانَ، حَدَّثَنَا أَبُو الْمُغِيرَةِ الذُّهْلِيُّ، حَدَّثَنِي فُلْفُلَةُ الْجُعْفِيُّ، قَالَ سَمِعْتُ الْحَسَنَ بْنَ عَلِيٍّ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ يَقُولُ «رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي الْمَنَامِ مُتَعَلِّقًا بِالْعَرْشِ، وَرَأَيْتُ أَبَا بَكْرٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ آخِذً بِحَقْوَيِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، وَرَأَيْتُ عُمَرَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ آخِذً بِحَقْوَيْ أَبِي بَكْرٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ، وَرَأَيْتُ عُثْمَانَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ آخِذً بِحَقْوَيْ عُمَرَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ، وَرَأَيْتُ الدَّمَ يَنْصَبُّ مِنَ السَّمَاءِ إِلَى الْأَرْضِ . فَحَدَّثَ الْحَسَنُ بِهَذَا الْحَدِيثِ وَعِنْدَهُ قَوْمٌ مِنَ الشِّيعَةِ، فَقَالُوا وَمَا رَأَيْتَ عَلِيًّا؟ فَقَالَ الْحَسَنُ «مَا كَانَ أَحَدٌ أَحَبَّ إِلَيَّ أَنْ أَرَاهُ آخِذً بِحَقْوَيِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ عَلِيٍّ، وَلَكِنَّهَا رُؤْيَا رَأَيْتُهَا

حسن بن علي چيو تہ مون نبي صلي الله عليه وآله وسلم کي خواب ۾ ڏٺو تہ اُهي عرش تي لڙڪيل آهن ۽ ابو بڪر کي ڏٺم تہ اُنهن رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي ٽنگ کي پڪڙي رکيو آهي ، ۽ عمر کي ڏٺم تہ اُنهن ابوبڪر جي ٽنگ کي پڪڙي رکيو آهي، ۽ عثمان کي ڏٺم تہ اُنهن عمر جي ٽنگ کي پڪڙي رکيو آهي ۽ مون ڏٺو تہ آسمان کان زمين تائين خون وهي رهيو آهي _ بس حسن هِن خواب کي بيان ڪيو ۽ اُتي شيعہ بہ هُئا شيعن حسن کان پُڇيو تہ ڇا علي کي ڏٺو ؟ حسن چيو ته مونکي اِهو محبوب آهي تہ علي کي نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي ٽنگ کي پڪڙيل ڏسان پر مون جيڪو ڏٺو اُهو خواب هو ـ

الهيثمي إسناده حسن. مجمع الزوائد 96/9.

آئون چوان ٿو تہ هِن جي سند ۾ فلفة بن عبد الله الجعفي مجهول آهي ـ

## تابعين جو نبي کي خواب ۾ ڏسڻ

سنن دارمي ۾ آهي تہ

أَخْبَرَنَا بِشْرُ بْنُ الْحَكَمِ، حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ إِبْرَاهِيمَ بْنِ مَيْسَرَةَ، قَالَ رَأَى مُجَاهِدٌ طَاوُوسًا فِي الْمَنَامِ كَأَنَّهُ فِي الْكَعْبَةِ يُصَلِّي مُتَقَنِّعًا، وَالنَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَلَى بَابِ الْكَعْبَةِ فَقَالَ

لَهُ «يَا عَبْدَ اللَّهِ اكْشِفْ قِنَاعَكَ وَأَظْهِرْ قِرَاءَتَكَ  قَالَ  «فَكَأَنَّهُ عَبَّرَهُ عَلَى الْعِلْمِ، فَانْبَسَطَ بَعْدَ ذَلِكَ فِي الْحَدِيثِ

مجاهد   طاووس بن ڪسان کي خواب ۾ ڏٺو تہ ڄڻڪہ اُهي ڪعبہ ۾ نماز پڙهي رهيا آهن ۽ نبي صلي الله عليه وآله وسلم ڪعبہ جي دروازي تي آهن ۽ فرمائي رهيا آهن تہ اي الله جا ٻانهؤ پنهنجا نقاب پري ڪري ڇڏيو ۽ قرات بلند ڪيو ۔ ڄڻ تہ علم جو چئي رهيا هُئا بس اُن کان پوءِ حديث کی پکيڙيو ويو

هِن جي سند ۾ سفيان مدلس آهي ۔

# رسول الله جي صحابين جا ۽ امهات المومنين رضي الله عنہ جا ڪُجھ خواب

## ام الفضل بنت الحارث رضي اللہ کان منسوب خواب

مستدرڪ الحاڪم ۾ آهي تہ

أَخْبَرَنَا أَبُو عَبْدِ اللَّهِ مُحَمَّدُ بْنُ عَلِيٍّ الْجَوْهَرِيُّ بِبَغْدَادَ، ثنا أَبُو الْأَحْوَصِ مُحَمَّدُ بْنُ الْهَيْثَمِ الْقَاضِي، ثنا مُحَمَّدُ بْنُ مُصْعَبٍ، ثنا الْأَوْزَاعِيُّ، عَنْ أَبِي عَمَّارٍ شَدَّادُ بْنُ عَبْدِ اللَّهِ، عَنْ ام الفضل بنت الحارث أنها دخلت على رسول الله صلى الله عليه و سلم فقالت يا رسول الله إني رأيت حلما منكرا الليلة . قال " وما هو ؟ " قالت إنه شديد قال " وما هو ؟ " قالت رأيت كأن قطعة من جسدك قطعت ووضعت في حجري . فقال رسول الله صلى الله عليه و سلم " رأيت خيرا تلد فاطمة إن شاء الله غلاما يكون في حجرك " . فولدت فاطمة الحسين فكان في حجري كما قال رسول الله صلى الله عليه و سلم . فدخلت يوما على رسول الله صلى الله عليه و سلم فوضعته في حجره ثم كانت مني التفاتة فإذا عينا رسول الله صلى الله عليه و سلم تهريقان الدموع قالت فقلت يا نبي الله بأبي أنت وأمي مالك ؟ قال " أتاني جبريل عليه السلام فأخبرني أن أمتي ستقتل ابني هذا فقلت هذا ؟ قال نعم وأتاني بتربة من تربته حمراء

ام فضل بنت حارث کان (جيڪا عباس جي ذال ۽ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي چاچي آهي)روايت ۾ آهي تہ هو(هڪ ڏينهن) رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ چوڻ لڳي تہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم (صلي الله عليہ وسلم) اج رات مون هڪ خوف ناڪ خواب ڏٺو آهي ۔ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو چا ڏٺؤ ؟ام فضل رضي الله تعاليٰ عنها چيو مون ڏٺو تہ جڻ اوهان جي جسم مبارڪ مان هڪ ٽڪڙو ويو آهي ۽ منهنجي جهولي ۾ رکيو ويو آهي، (اِهو ٻڌي)رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو توهان تہ هڪ ڏاڍو پلو ۽ مُبارڪ خواب

ڏنو آهي (هِن جي تعبير اِها آهي ) تہ انشاء الله فاطمہ رضي الله عنها کي نينگر پيدا ٿيندو ۽ اُن نينگر کي توهان جي جهولي ۾ ڏنو ويندو، چوتہ فاطمہ رضي الله عنها کي نينگر (حسين) پيدا ٿيو ۽ جيئن تہ رسول الله فرمايو ايئين ئي اُن نينگر کي منهنجى جهولى ۾ ڏنو ويو ـ هڪ ڏينهن ٻيهر مان رسول الله صلي الله عليہ وسلم وٽ ويس ۽ حسين رضي الله عنہ پاڻ سڳورن جي جهولي ۾ ڏيئي ٿورو ٻي پاسي خيال ڪيم ۽ پوءِ (مون مُڙي ڪري جو پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم ڏانهن نِهاريو) تہ ڏسان ڇا ٿي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا آهن، ام فضل رضي الله تعاليٰ عنها چوي ٿي تہ مان (گهبرائيندى) پُڇيو اي الله جا نبي منهنجا ماءُ پيءُ پاڻ سڳورن تي قربان ، پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم کي ڇا ٿيو؟(جو روئي رهيا آهن)پاڻ سڳورن فرمايو تہ (هينئر مون وٽ) جبرائيل عليہ السلام آيا هُئا اُنهن مونکي ٻُڌايو تہ منهنجي اُمت( يعني مسلمانن مان ئي ڪُجھ ماڻهن جي جماعت ) منهنجي هِن پُٽ کي (نهايت ئي ظالمن جهڙي طريقي سان) ويجهو آهي تہ قتل ڪري ڇڏيندي، مون (وڏي حيرت مان) پُڇيو ڇا هِن پُٽ کي ؟ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم فرمايو ها(هِن پُٽ کي)بلڪہ جبرائيل تہ مون وٽ اُن خاڪ زمين مان ڪُجھ مٽي بہ کڻي آيا هُئا (جتى منهنجى هِن جگر جي ٽڪڙي جو رت وهايو ويندو) ۽ اُها مٽي ڳاڙهي هُئي ـ

تلخيص ۾ الذهبي چون ٿا تہ

بل منقطع ضعيف - بلڪہ منقطع آهي ضعيف آهي - 4818

مسند احمد ۾ هِن خواب جو شروع وارو حصو آهي جنهن جي سند هيءَ آهي

حَدَّثَنَا عَفَّانُ، حَدَّثَنَا وُهَيْبٌ، قَالَ حَدَّثَنَا أَيُّوبُ، عَنْ صَالِحٍ أَبِي الْخَلِيلِ، عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ الْحَارِثِ، عَنْ أُمِّ الْفَضْلِ، قَالَتْ أَتَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَقُلْتُ إِنِّي رَأَيْتُ فِي مَنَامِي، فِي بَيْتِي، أَوْ حُجْرَتِي عُضْوًا مِنْ أَعْضَائِكَ، قَالَ " تَلِدُ فَاطِمَةُ إِنْ شَاءَ اللَّهُ غُلَامًا، فَتَكْفُلِينَهُ " فَوَلَدَتْ فَاطِمَةُ حَسَنًا ، فَدَفَعَتْهُ إِلَيْهَا، فَأَرْضَعَتْهُ بِلَبَنِ قُثَمَ، وَأَتَيْتُ بِهِ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَوْمًا أَزُورُهُ، فَأَخَذَهُ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَوَضَعَهُ عَلَى صَدْرِهِ، فَبَالَ عَلَى صَدْرِهِ ، فَأَصَابَ الْبَوْلُ إِزَارَهُ، فَزَخَخْتُ بِيَدِي عَلَى كَتِفَيْهِ، فَقَالَ " أَوْجَعْتِ ابْنِي أَصْلَحَكِ اللَّهُ " أَوْ قَالَ " رَحِمَكِ اللَّهُ ". فَقُلْتُ أَعْطِنِي إِزَارَكَ أَغْسِلْهُ، فَقَالَ " إِنَّمَا يُغْسَلُ بَوْلُ الْجَارِيَةِ، وَيُصَبُّ عَلَى بَوْلِ الْغُلَام

هن سند ۾  صالح بن أبي مريم الضبعى مولاهم ، أبو الخليل البصري آهي جيڪو  ابن عبد البر جي موجب دليل جي قابل نہ آهي.

## عمر رضي الله عنہ جي قتل جي خبر

مسند احمد ۾ آهي تہ

حدثنا عفان حدثنا همام بن يحيى قال حدثنا قتادة عن سالم ابن أبي الجعد الغَطفاني عن معدان بن أبي طلحة اليعمري  أن عمر بن الخطاب قام على المنبر يوم الجمعة فحمد الله وأثنى عليه، ثم ذكر رسول الله - صلى الله عليه وسلم - وذكر أبا بكر ثم قال  رأيت رؤيا لا أراها إلا لحضور أجلي، رأيتُ كأن ديكاً نقرني نقرتين، قال  وذكر لي أنه ديك أحمر فقصصتها على أسماء بنت عُمَيس امرأة أبي بكر، فقالت  يقتلك رجل من العجم ... فَخَطَبَ النَّاسَ يَوْمَ الْجُمُعَةِ، وَأُصِيبَ يَوْمَ الْأَرْبِعَاء

عمر رضي الله عنہ منبر تي جمعي جي ڏينهن بيئا الله جي حمد ۽ ثنا بيان ڪيائين پوءِ رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو ۽ ابوبڪر جو ذڪر ڪيائون پوءِ چيائين تہ مون خواب ڏٺو آهي اُنهن ڪي ناهي ڏٺو سواءِ جن جا انجام ويجها هُجن ۔ ڏسان ٿو تہ هڪ ڳاڙهو ڪُڪُڙ آهي جيڪو ٺُونگا هڻي رهيو آهي اُن جو ذڪر مان اسماء بنت عميس سان ڪيو ابوبڪر جي ذال سان تہ اُنهن چيو توکي هڪ عجمي قتل ڪندو .... عمر جمعي جو خطبو ڏنو ۽ اربع جي ڏينهن قتل ٿي ويا ۔

هِن روايت کي روايت پسند عالمن صحيح قرار ڏيئي ڇڏيو آهي جڏهن تہ اِها روايت معلول آهي ۔ جيڪڏهن عمر رضي الله عنہ جي وفات جو ڏينهن ويجهو هو تہ اُن وقت اسماء بنت عميس رضي الله عنها ابوبڪر رضي الله عنہ جي ذال نہ هُئي اُها علي رضي الله عنہ جي ذال هُئي علي رضي الله عنہ(وفات کانپوءِ، سن ١٣ ھ) ۾ اسماء سان شادي ڪري چڪا هُئا ۔ عمر رضي الله عنہ هڪ غير محرم عورت کان خواب جي تعبير ڇو ورتي؟ جڏهن تہ ڪوڙ مهاجر ۽ انصار مرد حضرات موجود آهن ۔ هِن جي سند ۾ مَعْدان  بن أبي طَلْحة  ۽  سالم بن أبي الجعد آهن  ۽ هِن ٻنهي جي خوبي رفض ۾ ترقي آهي ۔

ذكر ابن عساكر  أن الوليد بن عبد الملك ضربه وسالم بن أبي الجعد كل واحد مائة جلدة في التَرفُّض

ابن عساكر  ذکر کيو تہ امير المومنين الوليد جن مَعْدان بن أبي طَلْحة  ۽  سالم بن أبي الجعد    کي  رفض جي کري  100کوڙا لڳايا ويا ۔

## ام المومنين صفيہ رضي الله عنها جو خواب

معجم الکبير از طبراني ۾ آهي تہ

حدَّثَنَا أَبُو زُرْعَةَ عَبْدُ الرَّحْمَنِ بْنُ عَمْرٍو الدِّمَشْقِيُّ، ثنا عَفَّانُ، ثنا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ، عَنْ عُبَيْدِ اللَّهِ بْنِ عُمَرَ، عَنْ نَافِعٍ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ، قَالَ  كَانَ بِعَيْنَيْ صَفِيَّةَ خُضْرَةٌ، فَقَالَ لَهَا النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ  «مَا هَذِهِ الْخُضْرَةُ بِعَيْنَيْكِ؟  فَقَالَتْ  قُلْتُ لِزَوْجِي  إِنِّي رَأَيْتُ فِيمَا يَرَى النَّائِمُ قَمَرًا وَقَعَ فِي حِجْرِي فَلَطَمَنِي، وَقَالَ  أَتُرِيدِينَ مَلِكَ يَثْرِبَ؟ قَالَتْ  وَمَا كَانَ أَبْغَضُ إِلَيَّ مِنْ رَسُولِ اللَّهِ، قَتَلَ أَبِي وَزَوْجِي، فَمَا زَالَ يَعْتَذِرُ إِلَيَّ فَقَالَ  «يَا صَفِيَّةُ إِنَّ أَبَاكِ أَلَّبَ عَلَى الْعَرَبِ، وَفَعَلَ وَفَعَلَ  حَتَّى ذَهَبَ ذَاكَ مِنْ نَفْسِي

ابن عمر چيو تہ صفيہ رضي الله عنها جي اک ۾ ٿورڙو سائو (نشان) هو رسول الله صلي الله عليہ وآله وسلم پُڇيو تہ هيءَ ڇا آهي؟ صفيہ رضي الله عنها چيو مون پنهنجي (سابقہ)  مڙس کي چيو تہ مون خواب ۾ ڏٺو تہ هڪ چنڊ منهنجي گهر ۾ لٿو ۔ هِن چوٽ تي اُن مونکي چماٽ هنئي ۽ چيو تہ تون شاه يثرب کي گُهرين ٿي ؟ مون چيو مانس مان تہ رسول الله سان تمام گهٽو کينو رکندي هُيس اُهو اُنکري جو اُنهن منهنجي پيءُ  ۽ مڙس جو قتل کيو هو هيءُ  نہ نکتو  جڏهن تہ رسول الله عزر پيش کندا رهيا  تہ اي صفيہ تنهنجي پيءُ عربن کي اُياريو ۽ اهڙيون اهڙيون ڳالهيون کيون .. تان جو اهو بغض مون کان نکري

البانی  الصحيحہ ح  ٢٧٩٣ ۾ هِن کی صحيح قرار ڏنو آهي ۔ يعني صفيہ رضي الله عنہ سان رسول الله صلي الله عليہ وآله وسلم زبردستي نکاه کيو ۽ هو بغض رکي کري جيئندي رهي! آئون چوان ٿو اِهو متن منکر آهي ۔

طبقات الڪبري از ابن سعد ۾ آهي تہ

أَخْبَرَنَا عَمْرُو بْنُ عَاصِمٍ الْكِلابِيُّ. حَدَّثَنَا سُلَيْمَانُ بْنُ الْمُغِيرَةِ عَنْ حُمَيْدِ بْنِ هِلالٍ قَالَ  قَالَتْ صَفِيَّةُ بِنْتُ حُيَيٍّ  رَأَيْتُ كَأَنِّي وَهَذَا الَّذِي يَزْعُمُ أَنَّ اللَّهَ أَرْسَلَهُ وَمَلَكٌ يَسْتُرُنَا بِجَنَاحِهِ. قَالَ فَرَدُّوا عَلَيْهَا رُؤْيَاهَا وَقَالُوا لَهَا فِي ذَلِكَ قَوْلا شَدِيدًا.

حُمَيْدِ بْنِ هِلالٍ چيو صفيہ رضي الله عنها چيو تہ مون (خواب)ڏٺو ۽ منهنجي دعويٰ آهي تہ الله اُن ۾ ڪنهن کي موڪليو يا تہ ڪو فرشتو هو جيڪو پرن سان (اسان کي)لِڪائي رهيو هو (يعني صفيہ ۽ رسول الله کي الله بچائي رهيو هو) _ بس  اُنهن(يعني گهر وارن) اُن خواب کي زور سان رد ڪيو ۽ اُن تي صفيہ کي سخت ڳالھ چئي ـ

هِن جي سند صحيح آهي، ۽ اِهو غيبي اِشارو صفيہ رضي الله عنہ کي ملي چڪو هو تہ الله تعالىٰ جي مدد رسول الله صلي عليہ وآله وسلم کي حاصل آهي تنهن ڪري تہ اُنهن کي مڪمل ايمان ۽ يقين ٿي چڪو هو ـ

هِن جو جوڙ طبقات جي هڪ ٻي روايت سان بہ ٿيندو آهي جنهن جي سند مرسل آهي جيتوڻيڪ شاهدي جي طور تي صحيح آهي ـ

أَخْبَرَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عُمَرَ. حَدَّثَنِي إِبْرَاهِيمُ بْنُ جَعْفَرٍ عَنْ أَبِيهِ قَالَ   لَمَّا دَخَلَتْ صَفِيَّةُ عَلَى النَّبِيِّ - صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ - قَالَ لَهَا  لَمْ يَزَلْ أَبُوكِ مِنْ أَشَدِّ يَهُودَ لِي عَدَاوَةً حَتَّى قَتَلَهُ اللَّهُ. فَقَالَتْ  يَا رَسُولَ اللَّهِ إِنَّ اللَّهَ يَقُولُ فِي كِتَابِهِ  «ولا تزر وازرة وزر أخرى  . فَقَالَ لَهَا رَسُولُ اللَّهِ اخْتَارِي. فَإِنِ اخْتَرْتِ الإِسْلامَ أَمْسَكْتُكِ لِنَفْسِي وَإِنِ اخْتَرْتِ الْيَهُودِيَّةَ فَعَسَى أَنْ أُعْتِقَكِ فَتَلْحَقِي بِقَوْمِكِ

## ام المومنين عائشہ رضي الله عنها جو خواب

گذريل امتن جى حوالي سان خبر هئي تہ اُنهن انبيائن جي قبرن کي مسجدون ٺاهي ڇڏيون اِنهي (ڊپ)جي ڪري پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم جي تدفين حجره ۾ ڪئي وئي، ابوبڪر ۽ عمر رضي الله عنهما جي بہ خواهش هئي تہ ڪيس پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم ساڻ دفن ٿين ـ خلفاء  شيخين جن جي اُنهيء خواهش جو

احترام ڪيو ويو ۽ اُنهن کي بہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم جي پر ۾ دفن ڪيو ويو ۔

هِن حوالي سان هڪ خواب جي حديث بہ بيان ڪئي ويندي آهي تہ عائشہ رضي الله عنہ خواب ڏٺو تہ ٽي چنڊ اُن جي حجري ۾ ڪريا ۔ ماڻهن هِن کي صحيح چئي چڱيو آهي، جڏهن تہ اُها ٽن چندن واري روايت مضطرب المتن ۽ سنداً مضبوط نہ آهي ۔ امام بُخاري ۽ مسلم اُن کي تنهن ڪري صحيح ۾ شامل ڪونہ ڪيو هوندو

## پهريون طرق

موطا امام مالڪ ۔ جلد اول ۔ ڪتاب الجنائز ۔ حديث 489 مُڙدي کي دفن جي بيان ۾

عَنْ يَحْيَى بْنِ سَعِيدٍ أَنَّ عَائِشَةَ زَوْجَ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَتْ رَأَيْتُ ثَلَاثَةَ أَقْمَارٍ سَقَطْنَ فِي حُجْرَتِي فَقَصَصْتُ رُؤْيَايَ عَلَى أَبِي بَكْرٍ الصِّدِّيقِ قَالَتْ فَلَمَّا تُوُفِّيَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَدُفِنَ فِي بَيْتِهَا قَالَ لَهَا أَبُو بَكْرٍ هَذَا أَحَدُ أَقْمَارِكِ وَهُوَ خَيْرُهَا

يحيي بن سعيد کان روايت آهي تہ ام المومنين عائشہ صديقہ چيو مون خواب ۾ ڏٺو تہ منهنجي حجري ۾ ٽي چنڊ ڪري پيا سو مون هِن خواب کي ابوبڪر صديق سان بيان ڪيو جڏهن رسول الله صلي الله عليہ وآله وسلم جي وفات ٿي هئي تہ عائشہ جی حجري ۾ دفن ٿي چڪا هُئا ابوبڪر چيو تہ اُنهن تنهي چندن مان هڪ چنڊ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآله وسلم هُئا ۽ اُهی تنهي چندن کان بهتر آهن ۔

موطا جي سند ضعيف آهي ـ يحيي بن سعيد الأنصاري مدلس عن سان روايت ڪيو آهي ۔ اِها سند منقطع بہ آهي چو جو بن سندن ۾ يحيي هِن کي ابن المسيب کان روايت ڪيو آهي

طبراني ۾ آهي تہ

حَدَّثَنَا أَبُو يَزِيدَ يُوسُفُ بْنُ يَزِيدَ الْقَرَاطِيسِيُّ، ثنا سَعِيدُ بْنُ أَبِي مَرْيَمَ، ثنا يَحْيَى بْنُ أَيُّوبَ، أَخْبَرَنِي يَحْيَى بْنُ سَعِيدٍ، قَالَ سَمِعْتُ سَعِيدَ بْنَ الْمُسَيِّبِ، يَقُولُ قَالَتْ عَائِشَةُ لِأَبِي بَكْرٍ " رَأَيْتُ ثَلَاثَةَ أَقْمَارٍ سَقَطْنَ فِي حُجْرَتِي، فَقَالَ أَبُو بَكْرٍ يُدْفَنُ فِي بَيْتِكِ ثَلَاثَةٌ هُمْ خَيْرُ أَهْلِ

الْأَرْضِ ”. قَالَ يَحْيَى  فَسَمِعْتُ النَّاسَ يَتَحَدَّثُونَ أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَمَّا قُبِضَ فِي بَيْتِهَا، قَالَ أَبُو بَكْرٍ  «أَحَدُ أَقْمَارِكِ، وَهُوَ خَيْرُهَا

عائشہ رضي الله عنها تي چند  حجري ۾ ڪرندي ڏٺا ابوبڪر سان اُن جو ذڪر ڪيو ويو تہ اُنهن چيو تہ توهان جي گهر ۾ تي دفن ٿيندا جيڪي زمين ۾ سڀني کان بهتر هوندا ۔ يَحْيَى بْنُ سَعِيدٍ  انصاري چيو تہ مان ماڻهن کان ٻڌو تہ اُهي روايت ڪندا آهن تہ جڏهن نبي صلي الله عليہ وآله وسلم جي حجري ۾ وفات ٿي هُئي تڏهن ابوبڪر چيو اِهو هڪ چند آهي جيڪو سڀني کان بهتر آهي ۔

ڪتاب جامع التحصيل از العلائى الدمشقي جي چوڻ موجب تہ

وقال أبو حاتم سعيد بن المسيب عن عائشة رضي الله عنها إن كان شيئا من وراء الستر

ابو حاتم چيو ابن مسيب جو عائشہ رضي الله عنها سان روايت ڪرڻ اُن تي پڙدي جي پُويان ڪُجھ آهي

اِنهن الفاظن ڪي عدم سماع تى سمجهو ويو آهي، ۽ تدليس جي ڪتاب ۾ بيان ٿيو آهي ـ يعني هيء واضح نہ آهي تہ ابن مسيب ڪڏهن ۽ ڪيئن  ام المومنين کان ٻڌو ـ امام بُخاري   ابن مسيب جي عائشہ رضى الله عنها کان ڪابہ روايت نہ لکي جيتوٽيڪ امام مسلم شاهدي جي طور هڪ لکي آهي ۔

بيو طرق

حَدَّثَنَا أَبُو بَكْرٍ الْمُطَرِّزُ , أَيْضًا , قَالَ  حَدَّثَنَا إِبْرَاهِيمُ بْنُ حَاتِمٍ قَالَ  حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ زَيْدٍ , عَنْ أَيُّوبَ , عَنْ أَبِي قِلَابَةَ , أَنَّ عَائِشَةَ , رَحِمَهَا اللَّهُ [ص 2366] رَأَتْ فِي الْمَنَامِ كَأَنَّ قَمَرًا جَاءَ يَهْوِي مِنَ السَّمَاءِ فَوَقَعَ فِي حُجْرَتِهَا , ثُمَّ قَمَرٌ ثُمَّ قَمَرٌ , ثَلَاثَةُ أَقْمَارٍ فَقَصَّتْهَا عَلَى أَبِي بَكْرٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ فَقَالَ أَبُو بَكْرٍ  إِنْ صَدَقَتْ رُؤْيَاكِ دُفِنَ خَيْرُ أَهْلِ الْأَرْضِ ثَلَاثَةٌ فِي بَيْتِكِ , أَوْ قَالَ فِي حُجْرَتِكِ. قَالَ أَيُّوبُ  فَحَدَّثَنِي أَبُو يَزِيدَ الْمَدِينِيُّ قَالَ  لَمَّا مَاتَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَدُفِنَ , قَالَ أَبُو بَكْرٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ  يَا عَائِشَةُ هَذَا خَيْرُ أَقْمَارِكِ

هِن ۾ عبد الله بن زيد أبو قلابة الجرمي مدلس جو  عنعنہ آهي جنهن عائشہ رضي الله عنها کان روايت ڪيو آهي ـ

الحافظ الضياء  چون ٿا تہ  ولا يعرف له سماع من عائشة رضي الله عنهم

هِن جو سماع عائشہ رضي الله عنها کان معلوم نہ آهي

ٽيون طرق

حَدَّثَنَا الْعَبَّاسُ بْنُ الْفَضْلِ الْأُسْقَاطِيُّ، ثنا مُوسَى بْنُ عَبْدِ اللهِ السَّلَفِيُّ، ثنا عُمَرُ بْنُ سَعِيدٍ الْأَبَحُّ، عَنْ سَعِيدِ بْنِ أَبِي عَرُوبَةَ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنِ الْحَسَنِ، عَنْ أَبِي بَكْرٍ، أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ  «هَلْ أَحَدٌ مِنْكُمْ رَأَى رُؤْيَا؟ ، فَقَالَتْ عَائِشَةُ  يَا رَسُولَ اللهِ رَأَيْتُ ثَلَاثَةَ أَقْمَارٍ هَوَيْنَ فِي حُجْرَتِي، فَقَالَ لَهَا  " إِنْ صَدَقَتْ رُؤْيَاكِ دُفِنَ فِي بَيْتِكِ – أُرَاهُ قَالَ  – أَفْضَلُ أَهْلِ الْجَنَّةِ " فَقُبِضَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ أَفْضَلُ أَقْمَارِهَا، ثُمَّ قُبِضَ أَبُو بَكْرٍ، ثُمَّ قُبِضَ عُمَرُ، فَدُفِنُوا فِي بَيْتِهَا

هِن جي سند ۾ حسن بصري آهن  جيڪي ابوبڪر رضي الله عنہ کان روايت ڪري رهيا آهن ـ  حسن بصري مدلس آهن هِن جو ڪنهن بہ بدري صحابي کان سماع نہ آهي ـ

چوٿون طرق

مستدرڪ حاڪم ۾ آهي تہ

حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حَمْشَاذٍ، ثنا جُنَيْدُ بْنُ حَكِيمٍ الدَّقَّاقُ، ثنا مُوسَى بْنُ عَبْدِ اللَّهِ السُّلَمِيُّ، ثنا عُمَرُ بْنُ حَمَّادِ بْنِ سَعِيدٍ الْأَبَحُّ، عَنِ ابْنِ أَبِي عَرُوبَةَ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ قَالَ  كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُعْجِبُهُ الرُّؤْيَا، قَالَ  «هَلْ رَأَى أَحَدٌ مِنْكُمْ رُؤْيَا الْيَوْمَ  ، قَالَتْ عَائِشَةُ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا  رَأَيْتُ كَأَنَّ ثَلَاثَةَ أَقْمَارٍ سَقَطْنَ فِي حُجْرَتِي، فَقَالَ لَهَا النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ  «إِنْ صَدَقَتْ رُؤْيَاكِ دُفِنَ فِي بَيْتِكِ ثَلَاثَةٌ هُمْ أَفْضَلُ أَوْ خَيْرُ أَهْلِ الْأَرْضِ  ، فَلَمَّا تُوُفِّيَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَدُفِنَ فِي بَيْتِهَا، قَالَ لَهَا أَبُو بَكْرٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ  هَذَا أَحَدُ أَقْمَارِكِ وَهُوَ خَيْرُهَا، ثُمَّ تُوُفِّيَ أَبُو بَكْرٍ وَعُمَرُ فَدُفِنَا فِي بَيْتِهَا

هِن جي سند ۾ عمر بن حماد بن سعيد الابح آهي اِهو منڪرِ حديث آهي - ابن حبان جي ويجهو متروڪ آهي ـ

## پنجون طرق

مستدرڪ حاڪم ۾ آهي

أَخْبَرَنَا أَبُو الْعَبَّاسِ مُحَمَّدُ بْنُ أَحْمَدَ بْنِ مَحْبُوبِ بْنِ فُضَيْلٍ، التَّاجِرُ الْمَحْبُوبِيُّ بِمَرْوَ، ثَنَا أَبُو عِيسَى مُحَمَّدُ بْنُ عِيسَى بْنِ سَوْرَةَ الْحَافِظُ بِتِرْمِذَ، ثَنَا سَهْلُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ الْجَارُودِيُّ، ثَنَا مَسْعَدَةُ بْنُ الْيَسَعِ، عَنْ مَالِكِ بْنِ أَنَسٍ، عَنْ يَحْيَى بْنِ سَعِيدٍ الْأَنْصَارِيِّ، عَنْ عَمْرَةَ، عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا قَالَتْ " رَأَيْتُ فِي الْمَنَامِ كَأَنَّ ثَلَاثَةَ أَقْمَارٍ سَقَطْنَ فِي حُجْرَتِي فَقَصَصْتُ رُؤْيَايَ عَلَى أَبِي بَكْرٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ، فَلَمَّا دُفِنَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي بَيْتِي قَالَ أَبُو بَكْرٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ هَذَا أَحَدُ أَقْمَارِكِ وَهُوَ خَيْرُهَا «هَذَا حَدِيثٌ صَحِيحُ الْإِسْنَادِ وَلَمْ يُخَرِّجَاهُ

عائشہ رضي الله عنها تي چنڊ حجري ۾ ڪرندي ڏٺا ابوبڪر سان اُنهن جو ذڪر ڪيو ـ بس جڏهن نبي صلي الله عليہ وآله وسلم جي منهنجي حجري ۾ تدفين ٿي هُئي ابوبڪر چيو اِهو پهريون چنڊ آهي ـ

سند ۾ مَسْعَدة بْن اليَسَع الباهليُّ البصْريّ ڪذاب آهي ـ

هِن روايت جي متن ۾ اضطراب بہ آهي ـ خواب ام المو منين نبي جي دور ۾ ڏٺو پر ذڪر ابوبڪر سان ڪيو! اُنهن کي هن خواب جي تاويل معلوم نہ ٿي ايستائين جو روايت ۾ آهي تہ نبي جي وفات ٿي اُن ڪانپوءِ خواب جي تاويل ابوبڪر رضي الله عنہ ڪئي ـ ظاهر آهي جيڪو خواب نبي جي دور ۾ ڏٺو ويو هُجي ۽ حجري بابت هُجي تہ يقيناً عائشہ رضي الله عنها اُن بابت نبي صلي الله عليہ وآله وسلم سان سوال ڪندي ۽ نبي صلي الله عليہ وآله وسلم جي ڳالھ جي اهميت ابوبڪر جي ڳالھ ڪان تمام گهڻي مٿاهين ٿئي ٿي تہ اُن کي بيان ڪيو وڃي ها.

يعنی هِن روايت جي ڪُجھ متن ۾ آهي تہ خواب جي تاويل نبي صلي الله عليہ وآله وسلم ڪئي ۽ ڪُجھ ۾ آهي تہ ابوبڪر رضي الله عنہ ڪئي ـ پر هِن خواب ۾ سپني کي چنڊ چيو ويو آهي ـ ياد هُئڻ گهرجي تہ يوسف عليہ السلام خواب ڏٺو هو جيئن تہ پائر تارا هُئا ۽ ماءُ، پيءُ سج ۽ چنڊ هُئا ، مرتبی بابت خيال رکيو ويو هو ـ پر هِن تي چنڊ ڪِرڻ واري

خواب ۾ مرتبو نظر نہ آيو، يعني نبي ﷺ ۾ اُمتي تنهي کي چند چيو ويو آهي ۔ متن صحيح معلوم نہ ٿي رهيو آهي ۔

## طلحہ رضي الله عنہ جو خواب

بيهقي کتاب الزهد کبير ۾ روايت ڏني آهي تہ

أَخْبَرَنَا أَبُو مُحَمَّدِ بْنُ يُوسُفَ الْأَصْبَهَانِيُّ، أَنْبَأَنَا أَبُو سَعِيدِ بْنُ الْأَعْرَابِيِّ، ثنا الْحَسَنُ بْنُ مُحَمَّدٍ الزَّعْفَرَانِيُّ، ثنا يَزِيدُ بْنُ هَارُونَ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ عَمْرٍو، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ، عَنْ طَلْحَةَ بْنِ عُبَيْدِ اللَّهِ أَنَّ رَجُلَيْنِ مِنْ بَلِيٍّ - وَهُوَ حَيٌّ مِنْ قُضَاعَةَ - قُتِلَ أَحَدُهُمَا فِي سَبِيلِ اللَّهِ، وَأُخِّرَ الْآخَرُ بَعْدَهُ سَنَةً ثُمَّ مَاتَ قَالَ طَلْحَةُ  فَرَأَيْتُ فِي الْمَنَامِ الْجَنَّةَ فُتِحَتْ، فَرَأَيْتُ الْآخِرَ مِنَ الرَّجُلَيْنِ دَخَلَ الْجَنَّةَ قَبْلَ الْأَوَّلِ فَتَعَجَّبْتُ، فَلَمَّا أَصْبَحْتُ ذَكَرْتُ ذَلِكَ فَبَلَغْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَقَالَ لِي رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ  «أَلَيْسَ قَدْ صَامَ بَعْدَهُ رَمَضَانَ، وَصَلَّى بَعْدَهُ سِتَّةَ آلَافِ رَكْعَةٍ وَكَذَا وَكَذَا رَكْعَةٍ لِصَلَاةِ السُّنَّةِ

طَلْحَةَ بْنِ عُبَيْدِ اللَّهِ چيو تہ قُضَاعَةَ ۾ بہ ماڻهون هُئا اُنهن مان هڪ الله جي واٽ ۾ قتل ٿيو ۽ ٻيو هڪ سال کان پوءِ مرى ويو ۔ طلحہ چيو تہ مون خواب ۾ ڏٺو تہ اُهو ٻيو ماڻهوء جنت ۾ پهريان شهيد ٿيڻ واري کان بہ اڳ  ۾ آهي ۔ اُن تي مونکي تعجب ٿيو ۔ جيڏي محل صبح ٿي تہ اُن خواب جو ذکر رسول الله صلي الله عليہ وسلم سان کيم تہ پاڻ سڳورن فرمايو تہ چا ائين تہ نہ آهي تہ اُن رمضان کان پوءِ روزا رکيا ۽ ٦٠٠٠ رکعات پڑهي ۽ هينء ۽  هينء  کيائين سنت نماز ۾ ۔

يعني جيکو شهيد کونہ ٿيو اُن وڌيک نماز ۽ روزا رکيا تنهن کري جنت ۾ شهيد ٿيڻ واري کان بہ اڳ ۾  پُهچي ويا!

آئون چوان ٿو تہ متن منکر آهي ۔ کنهن صوفي جو گهڑيل آهي ۔ پر افسوس الباني هِن کي الصحيحہ  ۾ ح ٢٥٩١ تي صحيح قرار ڏيئي ڇڏيو آهي ۔

اِها روايت سنن ابن ماجہ ۾ بہ آهي

أبو سلمة بن عبد الرحمن جو سماع طلحة بن عُبيد الله رضي الله عنہ کان نہ آهي – تنهن ڪري شعيب الأرنؤوط هِن کي منقطع حديث قرار ڏنو آهي ۔ هِن روايت جي ڪُجھ طرقن ۾ طلحة بن يحيي بن طلحة بن عبيد الله بہ آهي جنهن کي امام بُخاري منكر الحديث قرار ڏنو آهي ۔

مسند احمد ١٣٨٩ ۾ آهي

حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عُبَيْدٍ، حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ إِسْحَاقَ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ إِبْرَاهِيمَ، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ، قَالَ نَزَلَ رَجُلَانِ مِنْ أَهْلِ الْيَمَنِ عَلَى طَلْحَةَ بْنِ عُبَيْدِ اللهِ، فَقُتِلَ أَحَدُهُمَا مَعَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، ثُمَّ مَكَثَ الْآخَرُ بَعْدَهُ سَنَةً، ثُمَّ مَاتَ عَلَى فِرَاشِهِ. فَأُرِيَ طَلْحَةُ بْنُ عُبَيْدِ اللهِ أَنَّ الَّذِي مَاتَ عَلَى فِرَاشِهِ دَخَلَ الْجَنَّةَ قَبْلَ الْآخَرِ بِحِينٍ، فَذَكَرَ ذَلِكَ طَلْحَةُ لِرَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَقَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ " كَمْ مَكَثَ بَعْدَهُ؟ " قَالَ حَوْلًا. فَقَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ " صَلَّى أَلْفًا وَثَمَانِ مِائَةِ صَلَاةٍ، وَصَامَ رَمَضَانَ

ابو سلمہ چيو اهل يمن جا بہ مرد طلحہ وٽ آيا اُنهن مان هڪ شهيد ٿيو ۽ پوءِ هڪ سال گذريو تہ ٻئي (مرد) فرش تي جان ڏني (يعني بستري ۾ مري ويا) بس طلحہ (خواب ۾) ڏٺو جنهن بستري ۾ جان ڏني اُهو شهيد کان بہ اڳ جنت ۾ هليو ويو ۔ هِن جو ذڪر رسول الله صلي الله عليہ وآله وسلم سان ڪيائين ۔ بس پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم فرمايو تہ (ٻنهي جي موت جي وچ ۾) گهڻو وقت گذريو؟ چيائين تہ هڪ سال پاڻ سڳورن فرمايو تہ اُنهن ١٨٠٠ نمازون پڙهيون ۽ رمضان جا روزا رکيا ۔

مسند احمد ۾ هڪ ٻيو طرق بہ آهي جنهن بابت معلوم ٿيندو آهي تہ طلحہ ۽ ابو سلمہ جي وچ ۾ ابو هريره رضي الله عنہ آهن ۔

حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بِشْرٍ , حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عَمْرٍو , حَدَّثَنَا أَبُو سَلَمَةَ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، قَالَ كَانَ رَجُلَانِ مِنْ بَلِيٍّ حَيٌّ مِنْ قُضَاعَةَ أَسْلَمَا مَعَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، وَاسْتُشْهِدَ أَحَدُهُمَا، وَأُخِّرَ الْآخَرُ سَنَةً، قَالَ طَلْحَةُ بْنُ عُبَيْدِ اللهِ فَأُرِيتُ الْجَنَّةَ، فَرَأَيْتُ الْمُؤَخَّرَ مِنْهُمَا، أُدْخِلَ قَبْلَ الشَّهِيدِ، فَتَعَجَّبْتُ لِذَلِكَ، فَأَصْبَحْتُ، فَذَكَرْتُ ذَلِكَ لِلنَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، أَوْ ذُكِرَ ذَلِكَ لِرَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَقَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ " أَلَيْسَ قَدْ صَامَ بَعْدَهُ رَمَضَانَ، وَصَلَّى سِتَّةَ آلَافِ رَكْعَةٍ، أَوْ كَذَا وَكَذَا رَكْعَةً صَلَاةَ السَّنَةِ؟

اهڙي طرح اِهو  طرق متصل ٿي ويندو آهي ۽ شعيب الأرنؤوط هِن کي حسن جو درجو ڏنو آهي،

آئون چوان ٿو ته اِهو متن اجان به منڪر آهي ـ ڇو جو جهاد عبادت ۾ افضل آهي اُن جو درجو ارڪان کان بُلند آهي، ارڪان تي ته عمل سيني مسلمانن جو آهي پر شهيد جو درجو اُنهن مسلمانن کان هميشه بلند آهي ـ ابوهريره رضي الله عنه جي حديث جو مطلب هميشه رسول جي حديث جو نه هوندو آهي  هو حديث ڪعب الاحبار به ممڪن آهي ـ اُن بابت امام مسلم ڪتاب التميز ۾ لکيو آهي ـ

ڪتاب التمييز( ص /175 ) جي موجب امام مسلم  بسر بن سعيد  جو قول  بيان ڪيو ته

حَدثنَا عبد الله بن عبد الرَّحْمَن الدَّارمِيّ ثَنَا مَرْوَان الدِّمَشْقِي عَن اللَّيْث بن سعد حَدثنِي بكير بن الاشج قَالَ قَالَ لنا بسر بن سعيد اتَّقوا الله وتحفظوا من الحَدِيث فوَاللَّه لقد رَأَيْتنَا نجالس أَبَا هُرَيْرَة فَيحدث عَن رَسُول الله صلى الله عَلَيْهِ وَسلم عَن كَعْب وَحَدِيث كَعْب عَن رَسُول الله صلى الله عَلَيْهِ وَسلم

بڪير بن الاشج چيو اسان سان   بسر بن سعيد چيو ته   الله کان ڊڄو ۽ حديثن جي حفاظت ڪريو ـ الله جو قسم ! اسين ڏسون ٿا ته ابوهريره جي مجلس ۾ ته اُهي رسول الله صلي الله عليه وسلم کان روايت ڪندا هُئا ۽ اُهي (ڳالهيون) ڪعب الاحبار(جون هونديون هيون) ۽ اسان سان ڪعب الاحبار(جا قول) روايت ڪندا هُئا جيڪي حديثون رسول الله کان هونديون هيون ـ

## جابر رضي الله عنه جو هڪ خواب

صحيح مسلم جي روايت پيش ڪئي ويندي آهي ته

حَدَّثَنَا أَبُو بَكْرِ بْنُ أَبِي شَيْبَةَ، وَإِسْحَاقُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ، جَمِيعًا عَنْ سُلَيْمَانَ، قَالَ أَبُو بَكْرٍ  حَدَّثَنَا سُلَيْمَانُ بْنُ حَرْبٍ، حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ زَيْدٍ، عَنْ حَجَّاجٍ الصَّوَّافِ، عَنْ أَبِي الزُّبَيْرِ، عَنْ جَابِرٍ أَنَّ الطُّفَيْلَ بْنَ عَمْرٍو الدَّوْسِيَّ، أَتَى النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَقَالَ  يَا رَسُولَ اللَّهِ، هَلْ لَكَ

فِي حِصْنٍ حَصِينٍ وَمَنْعَةٍ؟ – قَالَ  حِصْنٌ كَانَ لِدَوْسٍ فِي الْجَاهِلِيَّةِ – فَأَبَى ذَلِكَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِلَّذِي ذَخَرَ اللَّهُ لِلْأَنْصَارِ، فَلَمَّا هَاجَرَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِلَى الْمَدِينَةِ، هَاجَرَ إِلَيْهِ الطُّفَيْلُ بْنُ عَمْرٍو وَهَاجَرَ مَعَهُ رَجُلٌ مِنْ قَوْمِهِ، فَاجْتَوَوُا الْمَدِينَةَ، فَمَرِضَ، فَجَزِعَ، فَأَخَذَ مَشَاقِصَ لَهُ، فَقَطَعَ بِهَا بَرَاجِمَهُ، فَشَخَبَتْ يَدَاهُ حَتَّى مَاتَ، فَرَآهُ الطُّفَيْلُ بْنُ عَمْرٍو فِي مَنَامِهِ، فَرَآهُ وَهَيْئَتُهُ حَسَنَةٌ، وَرَآهُ مُغَطِّيًا يَدَيْهِ، فَقَالَ لَهُ  مَا صَنَعَ بِكَ رَبُّكَ؟ فَقَالَ غَفَرَ لِي بِهِجْرَتِي إِلَى نَبِيِّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَقَالَ  مَا لِي أَرَاكَ مُغَطِّيًا يَدَيْكَ؟ قَالَ قِيلَ لِي  لَنْ نُصْلِحَ مِنْكَ مَا أَفْسَدْتَ، فَقَصَّهَا الطُّفَيْلُ عَلَى رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ  «اللَّهُمَّ وَلِيَدَيْهِ فَاغْفِرْ

حَجَّاجٍ الصَّوَّافِ بصري روايت ڪندا آهن ابي زبير کان اُهي جابر رضي الله عنہ کان تہ طفيل بن عمرو دوسي رضي اللہ عنہ رسول اللہ صلي اللہ عليہ وسلم وٽ آيا (مڪہ ۾ هجرت کان اڳ) ۽ عرض ڪيو تہ يا رسول الله! اوهان هڪ مضبوط قلعو ۽ لشڪر گهرو ٿا ؟ (اُن قلعي لاءِ چيائين جيڪو جهالت جي زماني ۾ دوس جو هو)پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم تنهن ڪري قبول نہ ڪيو تہ الله تعاليٰ انصار جي حصي ۾ اِها ڳالھ لکي ڇڏي هُئي (تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم اُنهن وٽ اُنهن جي مدد ۽ حفاظت ۾ رهندا ) پوءِ جڏهن رسول الله صلي الله عليہ وسلم مديني ڏانهن هجرت ڪئي، تہ سيدنا طفيل بن عمرو رضي الله بہ هجرت ڪئي، ۽  اُن سان گڏ اُن جي قوم جي هڪ ماڻهوء بہ هجرت ڪئي پوءِ مدينی جی هوا اُن ڪي سُٺي نہ لڳي ( ۽ پيٽ ۾ بيماري پيدا ٿي وئي ) تہ اُهو ماڻهوء جيڪو  سيدنا طفيل رضي اللہ عنہ سان گڏ آيا هُئا بيمار ٿي پيا ۽ تڪليف جي ڪري اُنهن پنهنجن آڱرين جا سنڌ وڍي ڇڏيا تہ اُنهن جي ٻنهي هٿن مان رت وَهڻ شروع ٿي ويو ، ايستائين جو هو مري ويا ـ پوءِ سيدنا طفيل رضي الله عنہ اُنهيء ڪي خواب ۾ ڏٺو ۽ اُن جي حالت سُٺي هُئي پر پنهنجي ٻنهي هٿن کي لِڪائي وِيٺا هُئا، سيدنا طفيل رضي الله عنہ پُڇيو تہ تنهنجي رب توسان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ؟ اُن چيو  "مونکي هِن لاءِ بخشي ڇڏيو تہ مان اُن جي پيغمبر ڏانهن هجرت ڪئي هُئي ـ" سيدنا طفيل رضي الله عنہ چيو تہ ڇا ڳالھ آهي تہ مان ڏسان پيو تہ توهان پنهنجا ٻئي هٿ لِڪايو پيا ؟ اُن چيو تہ مونکي حُڪم ڪيو ويو آهي تہ اسان هنن کي ڪونہ سنواريندا سين جن کي تون پنهنجو پاڻ بگاڙيو آهي ـ پوءِ اِهو خواب سيدنا طفيل رضي الله عنہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم سان بيان ڪيو تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم فرمايو  "اي الله!

اُنهيءَ جي پنهي هٿن کي بہ بخشي ڇڏ جيئن تون اُنهيءَ جي سڄي بدن تي ڪرم ڪيو آهي ۔"(يعني اُنهيءَ جي پنهي هٿن کي بہ صحيح ڪري ڇڏ)۔

هِن روايت جي موجب طفيل رضي الله عنہ اُن ماڻهوءَ کي خواب ۾ ڏٺو ۽ اُنهن ٻُڌايو تہ اُنهيءَ جي بخشش ٿي وئي آهي

هِن جي سند ۾ ابي زبير آهي جيڪو جابر رضي الله عنہ کان روايت ڪري رهيو آهي ۔ محدث چون ٿا تہ ابن زبير جي اُها روايت ورتي وڃي جيڪا ليث بن سعد جي سند سان هُجي ۔ امام مسلم هِن اصول کي قبول نہ ڪيو ۽ روايت کي صحيح ڄاتو جڏهن تہ ٻيا محدثين هِن کان الڳ چوندا آهن ، اُنهن سڀني جي چوڻ موجب اِها روايت صحيح ڪونہ ٿي بڻجي ۔

ڪتاب جامع التحصيل في أحكام المراسيل از صلاح الدين العلائي (المتوفى 761هہ) جي چوڻ موجب تہ

محمد بن مسلم أبو الزبير المكي مشهور بالتدليس قال سعيد بن أبي مريم ثنا الليث بن سعد قال جئت أبا الزبير فدفع لي كتابين فانقلبت بهما ثم قلت في نفسي لو أني عاودته فسألته اسمع هذا كله من جابر قال سألته فقال منه ما سمعت ومنه ما حدثت عنه فقلت له اعلم لي على ما سمعت منه فاعلم لي على هذا الذي عندي ولهذا توقف جماعة من الأئمة عن الاحتجاج بما لم يروه الليث عن أبي الزبير عن جابر وفي صحيح مسلم عدة أحاديث مما قال فيه أبو الزبير عن جابر وليست من طريق الليث وكأن مسلما رحمه الله اطلع على أنها مما رواه الليث عنه وإن لم يروها من طريقه والله أعلم

محمد بن مسلم أبو الزبير المكي تدليس جي لاءِ مشهور آهن ۔ سعيد بن أبي مريم جن ليث بن سعد کا روايت ڪيو آهي تہ اُنهن چيو مان ابو الزبير وٽ ويُس اُنهن ٻہ ڪتابون ڏنيون اُهي وٺي واپس موٽيس پوءِ مون دل ۾ چيو تہ جڏهن اُن وٽ ويندس تہ اُن کان پُڇندس تہ ڇا هيءَ سڀ اُنهن جابر بن عبد الله رضي الله عنہ کان ٻُڌو بہ آهي ؟ ليث (موٽي وڃي) ابو زبير سان سوال ڪيو تہ اُنهن جواب ۾ چيو تہ هِن ۾ آهي جيڪو اُنهن کان ٻُڌو ۽ اُهو بہ جيڪو مون اُن کان روايت ڪري ڇڏيو آهي ۔ مان (ليث) اُن کي چيو تہ مونکي اُن جو علم ڏيو جيڪو توهان ٻُڌو هُجي،بس اُنهن صرف اُهو ئي ٻُڌايو ۽ اِهو هاڻ مون وٽ آهي ۔ تنهن ڪري ائمہ (حديث) جي جماعت اُن (ابو الزبير) کان دليل نہ ورتي

سواءِ اُن جي تہ جيڪا ليث جي سند سان هُجي، ۾ صحيح مسلم ۾ اُن جون ڪُجھ روايتون آهن جنهن ۾ ابو الزبير عن جابر چيو آهي جيڪي ليث جي سند سان ناهن ۔ ۾ امام مسلم هِن ڪان واقف هُئا تہ اُن جون ليث جی سند واريون روايتون ڪهڙيون آهن ، اُن اُنهن ڪي اُنهيء طرق سان روايت نہ ڪيو، اللہ آعلم

الباني ادب المفرد جي تعليق ۾ اُن ڪي ضعيف قرار ڏنو آهي ۔

حَدَّثَنَا عَارِمٌ قَالَ حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ زَيْدٍ قَالَ حَدَّثَنَا حَجَّاجٌ الصَّوَّافُ، عَنْ أَبِي الزُّبَيْرِ، عَنْ جَابِرِ - بْنِ عَبْدِ اللَّهِ، أَنَّ الطُّفَيْلَ بْنَ عَمْرٍو قَالَ لِلنَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ هَلْ لَكَ فِي حِصْنٍ وَمَنَعَةٍ، حِصْنِ دَوْسٍ؟ قَالَ فَأَبَى رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، لِمَا ذَخَرَ اللَّهُ لِلْأَنْصَارِ، فَهَاجَرَ الطُّفَيْلُ، وَهَاجَرَ مَعَهُ رَجُلٌ مِنْ قَوْمِهِ، فَمَرِضَ الرَّجُلُ فَضَجِرَ - أَوْ كَلِمَةٌ شَبِيهَةٌ بِهَا - فَحَبَا إِلَى قَرْنٍ، فَأَخَذَ مِشْقَصًا فَقَطَعَ وَدَجَيْهِ فَمَاتَ، فَرَآهُ الطُّفَيْلُ فِي الْمَنَامِ قَالَ مَا فُعِلَ بِكَ؟ قَالَ غُفِرَ لِي بِهِجْرَتِي إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، قَالَ مَا شَأْنُ يَدَيْكَ؟ قَالَ فَقِيلَ إِنَّا لَا نُصْلِحُ مِنْكَ مَا أَفْسَدْتَ مِنْ يَدَيْكَ، قَالَ فَقَصَّهَا الطُّفَيْلُ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَقَالَ «اللَّهُمَّ وَلِيَدَيْهِ فَاغْفِرْ ، وَرَفَعَ يَدَيْهِ

[قال الشيخ الألباني] ضعيف

۾ مختصر صحيح مسلم از منذري ص ٣٥ تي الباني لکيو جنهن جو ذڪر مون بہ ڪيو آهي ۔

والحديث من رواية أبي الزبير عن جابر وأبو الزبير مدلس، وقد عنعنه، وقد تقرر عند أهل المعرفة بهذا العلم الشريف ترك الاحتجاج بحديثه المعنعن، إلا ما كان من رواية الليث بن سعد عنه، فإنه لم يأخذ عنه إلا ما ذكر له السماع فيه، ولهذا قال الذهبي في ترجمته من "الميزان"

وفي " صحيح مسلم" أحاديث مما لم يوضح فيها أبو الزبير السماع عن جابر، ولا هي من طريق الليث عنه، ففي القلب منها شيء.

۽ اِها حديث ابو زبير جي جابر کان روايت آهي ـ ابو زبير مدلس آهي ۽ هِن ۾ عنعنہ آهي ۽ اُن جو اقرار اهل معرفت ڪيو آهي تہ هِن علم شريف ۾ تہ معنعن  روايت جي دليل وٺڻ ڇڏي ڏنو  ويو آهي سواءِ اُنهيء جي تہ جيڪا ليث جي ابو جابر جي سند سان هُجي  ـ بس اُن کي نہ ورتو ويندو جيستائين سماع جي تصريح ٿئي ـ ۽ هِن سبب جي ڪري ميزان ۾ الذهبي لکيو آهي تہ  ۽ صحيح مسلم ۾ ڪُجھ حديثون آهن تن ۾ ابو زبير جو سماع جابر کان واضح نہ آهي ۽ نہ ئي اُهي ليث جي طرق سان آهن جيتوٽيڪ اُنهن بابت دل ۾ ڪُجھ رهي ٿو ـ

## ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جو خواب يا ڪشف

موطا امام مالڪ جي ڪُجھ نُسخن ۾ آهي تہ ابوبڪر رضي الله عنہ پنهنجي وفات جي وقت هڪ ٻارڙي جو ذڪر ڪيو

وَحَدَّثَنِي مَالِكٌ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ، عَنْ عُرْوَةَ بْنِ الزُّبَيْرِ عَنْ عَائِشَةَ زَوْجِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، أَنَّهَا قَالَتْ  إِنَّ أَبَا بَكْرٍ الصِّدِّيقَ كَانَ نَحَلَهَا جَادَّ عِشْرِينَ وَسْقًا مِنْ مَالِهِ بِالْغَابَةِ، فَلَمَّا حَضَرَتْهُ الْوَفَاةُ قَالَ  " وَاللَّهِ يَا بُنَيَّةُ مَا مِنَ النَّاسِ أَحَدٌ أَحَبُّ إِلَيَّ غِنًى بَعْدِي مِنْكِ، وَلَا أَعَزُّ عَلَيَّ فَقْرًا بَعْدِي مِنْكِ، وَإِنِّي كُنْتُ نَحَلْتُكِ جَادَّ عِشْرِينَ وَسْقًا، فَلَوْ كُنْتِ جَدَدْتِيهِ وَاحْتَزْتِيهِ كَانَ لَكِ. وَإِنَّمَا هُوَ الْيَوْمَ مَالُ وَارِثٍ، وَإِنَّمَا هُمَا أَخَوَاكِ، وَأُخْتَاكِ، فَاقْتَسِمُوهُ عَلَى كِتَابِ اللَّهِ، قَالَتْ عَائِشَةُ، فَقُلْتُ  يَا أَبَتِ، وَاللَّهِ لَوْ كَانَ كَذَا وَكَذَا لَتَرَكْتُهُ، إِنَّمَا هِيَ أَسْمَاءُ، فَمَنِ الْأُخْرَى؟ فَقَالَ أَبُو بَكْرٍ  ذُو بَطْنِ بِنْتِ خَارِجَةَ، أُرَاهَا جَارِيَةً

ابو بڪر چيو تہ ... هِن ملڪيت کي الله جي ڪتاب موجب پنهنجي ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ ورهائي ڇڏجان ـ عائشہ رضي الله عنہ چيو بابا جان ... هيء ڀيڻ تہ اسماء آهي تہ ٻي ڪير آهي؟ ابوبڪر چيو خارجہ جي ڌي جي پيٽ ۾  ـ ابوبڪر اُن کي ٻارڙي ڏسن ٿا ـ

هِن روايت مان معلوم ٿيو تہ ابوبڪر رضي الله عنہ کان هڪ عورت حَبِيبَةَ (بِنْتِ خَارِجَةَ) بْنِ زَيْدِ بْنِ أَبِي زُهَيْرِ بْنِ مَالِكٍ الْأَنْصَارِيِّ الْخَزْرَجِيِّ[2] اُن وقت پيٽ سان هُئي ۽ ابوبڪر جي دل ۾ هو تہ اُن کي ڌيءَ پيدا ٿيندي ـ [1] ابوبڪر رضي الله عنہ جي هِن قول جو ذڪر زرقانی شرح الموطا ۾ ڪيو ۾ لکيائين تہ

قَالَ ابْنُ مُزَيْنٍ قَالَ بَعْضُ فُقَهَائِنَا وَذَلِكَ لِرُؤْيَا رَآهَا أَبُو بَكْرٍ

ابْنُ مُزَيْنٍ چيو اسان جي ڪُجھ فقيهن جو چوڻ آهي تہ اِهو خواب ۾ ابوبڪر کي ڏيکاريو ويو ـ

الباني الهام تي هڪ سوال جي جواب ۾ هِن قصي کي دليل بڻائي چوندا آهن تہ

من هذا القبيل ما رواه الإمام مالك في "الموطأ" بالسند الصحيح أنه عن أبي بكر الصديق أنه قال لابنته عائشة في أرض تتعلق بإرث أولاد أبي بكر رضي الله عنه، قال فيما أذكر الآن أنه هذه لأختك والأخت هي كانت لا تزال جنيناً في بطن زوج أبي بكر الصديق، قالت وأين أختي؟ قالت هي التي في بطن فلانة، وفعلاً رزقت بنتاً فكانت ترث مع أختها تلك الأرض بوصية من أبي بكر الصديق .. في هذا الإلهام وهذه القصة في «الموطأ وبالسند الصحيح الذي لا إشكال فيه؛ لأنه في الموطأ يوجد روايات مقطوعات وبلاغات كثير منها لا يصح وإن كانت موصولة بعضها في كتب أخرى، أما هذه القصة فهي صحيحة.

حوالو موسوعة العلامة الإمام مجدد العصر محمد ناصر الدين الألباني

الباني جي قول موجب اِهو ابوبڪر کي الهام ٿيو ۽ غير نبي تي الهام جي دليل آهي ـ

---

2

حَبِيبَةَ (بِنْتِ خَارِجَةَ) بْنِ زَيْدِ بْنِ أَبِي زُهَيْرِ بْنِ مَالِكٍ الْأَنْصَارِيِّ الْخَزْرَجِي اڳ ۾ سعد بن الربيع بن عمرو بن ابي زُهَير بن مِالِكٍ جي ذال هُئي ـ سعد بن الربيع رضي اللّٰہ عنہ جي شهادت جنگ اُحد ۾ ٿي ـ طبقات ابن سعد جي چوڻ موجب تزَوجَهَا أَبُو بَكْرٍالصِدّيقَ فَوَلَدت لَهُ أمّ كُلْثُومٍ اُن سان ابوبڪر شادي ڪئي ۽ ام ڪلثوم نالي جي هڪ ڌيء پيدا ٿي جن جي شادي طَلْحَة بن عُبَيْد اللّٰه بْن عُثْمَانَ سان ٿي جنهن جي شهادت جنگ جمل ۾ ٿي ۽ ام ڪلثوم مڪي ۾ عدت گذاري ـ

الاصل از  امام محمد ڪتاب الهبة ۾ آهي تہ

محمد عن أبي يوسف عن هشام بن عروة  عن أبيه عن عائشة  رضي الله عنها - أنها قالت تَحَلّني  أبو بكر جُذّاذَ   عشرين وسقاً من ماله بالعالية، فلما حضره الموت حمد الله تعالى وأثنى عليه وقال  يا بنية، إن أحب الناس إلي غنى أنت وأعزهم علي فقراً   أنت، وإني كنت نحلتك جذاذ عشرين وسقاً من مالي بالعالية، وإنك لم تكوني قبضتيه، وإنما هو مال الوارث، وإنما هما أخواك وأختاك، قالت  فقلت  إنما هي أم عبد الله، تعني أسماء، فقال إنه قد  ألقي    في نفسي بأن ذا بَطْنِ ابنةِ    خارجةَ جاريةٌ

عائشہ رضي الله عنها ذڪر ڪيو تہ جڏهن ابو بڪر رضي الله عنہ جي وفات جو وقت آيو تہ فرمايائون ڏيء هيء ملڪيت وارثن جي آهي، هيء تنهنجي ڀينرن ۽ ڀائرن جي آهي، مون چيو تہ  يعنى ام عبد الله اسماء ؟ ابوبڪر چيو (نہ) منهنجي دل ۾ الهام ٿيو تہ (منهنجي هڪ ڏيء) خارجہ جي ڏيء(يعني) جي پيٽ ۾ ٻارڙي آهي ۔

ابوبڪر رضي الله عنہ فرمايو تہ اُنهن جى دل ۾ وڌو ويو آهي  جنهن کي ڇهين حِسُ چيو ويندو آهي ، ۽ هِن جو درجو ڪشف جو نہ آهي ۔

# مسلمان بادشاهن جا سياسي خواب

## نور الدين زنگي جو خواب

علي بن عبد الله بن أحمد الحسني الشافعي، نور الدين أبو الحسن السمهودي
المتوفى٩١١ه كتاب وفاء الوفاء بأخبار دار المصطفى ۾ سن ٥٥٧ ه تي لکندا آهن
تہ

الملك العادل نور الدين الشهيد جن هڪ ئي رات ۾ ٽي ڀيرا نبي صلي الله عليه وسلم کي
ڏٺو ۽ پاڻ سڳورا ٽئي ڀيرا فرمائي رهيا هُئا تہ

أن السلطان محمودا المذكور رأى النبي صلّى الله عليه وسلّم ثلاث مرات في ليلة واحدة
وهو يقول في كل واحدة يا محمود أنقذني من هذين الشخصين الأشقرين تجاهه

اي تعريف جا قابل ! مونکي اُنهن ٻن ٢ ماڻهن کان بچاءَ

اُهي ٻہ ماڻهون عيسائي هُئا جيڪي نبي صلي الله عليه وآله وسلم جو جسم مطهر
حاصل ڪرڻ گُهرندا هُئا ـ

مثال مشهور آهي تہ " الناس على دين ملوكهم " يعني ماڻهو پنهنجن بادشاهن جي
دين تي هوندا آهن ـ اهڙي طرح هيءَ قصو ايترو تہ بيان ڪيو ويندو آهي جڻ تہ هِن جي
سَچائي قرآن ۽ حديث جهڙي هُجي!

تقرين ڪرڻ وارا اِهو قصو ٻُڌائي پوءِ چوندا آهن تہ يهودي سازش ڪري رهيا هُئا ، پر
ريڪاڊ موجب اِها نصراني سازش هُئي ـ

وقد دعتهم أنفسهم- يعني النصارى- في سلطنة الملك العادل نور الدين الشهيد إلى أمر
عظيم

۽ نصرانين هڪ آمر عظيم جو ارادو ڪيو، بادشاهه عادل نور الدين الشهيد جي دور ۾ .

اُن ڪانپوءِ اُهي خواب جو واقعو بيان ڪندا آهن ۽ پوءِ گرفتار ٿيڻ وارا عيسائي هُئا .

أهل الأندلس نازلان في الناحية التي قبلة حجرة النبي صلّى الله عليه وسلّم من خارج المسجد عند دار آل عمر بن الخطاب

اهل اندلس ڪان پہ ماٿهو دار آل عمر بن خطاب ،هُجري جي پر ۾ مسجد جي ٻاهران تڪيل هُئا

هِن قصي موجب عجيب ۽ غريب عقيدا آهن پهريون اِهو تہ نبي صلي الله عليه وآله وسلم ڪي غيب جو علم هو تہ پہ نصراني سازش ڪري رهيا آهن . ٻيون پاڻ سڳورن، الله ڪي نہ ٻُڪاريو بلڪہ نور الدين جي خواب ۾ هڪڙي رات ۾ ٽيّ ڀيرا ظاهر ٿيا. ٽيون نبي صلي الله عليه وآله وسلم جن نور الدين زنگي ڪي صليبي جنگن ۾ عيسائين جى ارادن بابت نہ ٻُڌايو جن ۾ سڄي مسلمان امت جنگ ۾ وڙهي مري رهي هُئي بلڪہ صرف ٻنهنجي جسم مطهر جي ڳالهہ ڪئي!

الله جو عذاب نازل ٿئي هِن ڪوڙ گهڙيندڙن تي، ظالمو الله ڪان ڊجو اُن جي پڪڙ سخت آهي، الله جا نبي تہ سڀ ڪان بهادر انسان هُئا .

دراصل اِهو سڄو قصو نور الدين زنگي جي بُزرگي جي لاءِ بيان ڪيو ويندو آهي جيڪي صليبي جنگن ۾ مصروف هُئا ۽ اُنهن جي عيسائين سان جنگ هلي رهي هُئي .

## شاهہ عراق فيصل بن حسين المعروف فيصل اول جو خواب

فيصل بن حسين ١٩٢١ ع ڪان ١٩٣٣ ع تائين عراق جا بادشاهہ هُئا ۽ شريف المڪہ جو ٽيون پُٽ شريف المڪہ عثماني خلافت ۾ اُن جى طرفان حجاز جا امير هُئا فيصل اول، خلافت عثمانيہ ختم ڪرڻ ۾ انگريزن جي ڀرپور مدد ڪئي برِصغير جي مشهور شاعر علامہ اقبال اُن تي تنقيد ڪئي تہ

کیا خوب امیر فیصل کو سنوسی نے پیغام دیا

تو نام و نسب کا حجازی ہے پر دل کا حجازی بن نہ سکا

ڪهڙو نہ عجب آهي امير فيصل کي سنوسي پيغام ڏنو ؟

تون نالي ۽ نسب جو رڳو حجازي آهين پر

دل جو حجازي بڻجي نہ سگهيو آهين

پر روحانيت ۾ شاهہ فيصل جو ڪُجهہ پيو ئي درجو هو انگريز بہ خوش تہ الله وارا بہ خوش

جيڪي ماڻهو نبي صلي الله عليه وآله وسلم کي خواب ۾ ڏسڻ جو عقيدو رکن ٿا اُهي هيءَ بہ بيان ڪندا آهن تہ سن ١٩٣٢ عيسوی ۾ عراق ۾ جابر بن عبدللہ ۽ حذيفہ بن يمان رضوان الله عليهم شاہ عراق جي خواب ۾ آيا ۽ اُنهن، اُن کي چيو تہ مونکي بچاءِ چو جو درياءِ دجلہ جو پاڻي اُنهن قبرن تائين پُهچي رهيو آهي ۔

حيرت جهڙي ڳالھ آهي تہ شيعہ حضرات بہ ٽيا ڏيئي ، ڏيئي هِن خواب کي بيان ڪن ٿا، پر هِن ڪان تہ فيصل اول جو الله جي سامهون قدر ۽ منزلت جو اندازو ٿئي ٿو ۽ فيصل شيعہ عقيدي تي بہ نہ هُئا ـ

هڪ طرف تہ چيو ويندو آهي تہ نبي صلي الله عليه وآله وسلم خواب ۾ ايندا آهن، پر هاڻ چيو پيو وڃي تہ صحابي بہ ايندا آهن، ڇڻ جيڪا نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي خصوصيت هُئي، اُها هاڻ غير نبي جي بہ ٿي وئي!.

اسان جي قبر پرست بادشاهن کي خوابن موجب انبياء ۽ صحابہ نظر ايندا آهن اُهي بہ صرف پنهنجي جسم بچائڻ لاءِ!.

## پر هينئر خواب نہ آيو

هينئر شام ۾ حڪومت جي مخالف باغين هڪ قبر ڪوٽي جنهن جي باري ۾ چيو پيو وڃي تہ صحابي، رسول حجر بن عدي المتوفي 51 هجري جي آهي، پر حيرت آهي هِن پيري اُن صحابي کي خيال بہ نہ آيو تہ جيئن پيا صحابہ تہ پنهنجن قبرن کي بچائڻ لاءِ خوابن ۾ اچي وڃن ٿا ۽ مونکي بہ ائين ئي ڪرڻ کپي ـ پر اِهي صحابي نہ سُنين جي خواب ۾ آيا ۽ نہ ئي شيعن جي خواب ۾ ـ جڏهن قبر تي پهرين ڪوڏر لڳي تہ اُن وقت خواب ۾ اچي ويا۔



حجر بن عدي رضي الله تعاليٰ عليه ڪان منسوب قبر ، قبر جي بي حرمتي ڪانپوءِ

ٻي طرف اِهي ساڳيا ئي قبر پرست هڪڙي ساهه ۾ چون ٿا تہ صحابين جا جسم سلامت آهن ، ۽ ٻي ساهه ۾ روايت بيان ڪندا آهن ته "الله زمين تي حرام ڪري ڇڏيو آهي تہ اها انبياء جي جسمن کي کائي" ٻُڌايو تہ اوهان جي ڪهڙي ڳالھ تسليم ڪجي؟ جيڪڏهن غير نبي جو جسم به سلامت آهي تہ پوءِ اِها انبياء جي جسم سلامت رهڻ جي خصوصيت ڪيئن رهندي؟

الغرض نبي صلي الله عليه وآله وسلم دنيا جي رفاقت ڇڏي جنت کي پسند ڪيو ۽ اڄ اُمت سان اُنهن جو ڪوبہ رابطو نہ آهي ۽ نہ ئي اُنهن کي اُمت جي حال جي ڪا خبر آهي، ورنہ جنگ جمل نہ ٿئي ها ، نہ جنگ صفين، نہ حسين کي شهيد ڪيو وڃي ها، بلڪہ هر وقت پاڻ سڀُورا اُمت جي اصلاح ڪن ها ۔

انبياء ، صحابہ ۽ اوليائن کي خوابن ۾ ڏسڻ جو عقيدو سراسر غلط ۽ گهڙيل آهي، ۽ عقل سليم کان بعيد آ ۔ قبرن مان فيض حاصل ڪرڻ جي عقيدي رکڻ وارا اُهي چون ٿا ته اسان اُنهن قبرن جي عبادت ڪونہ ڪندا آهيون ، بلڪہ اُنهن کان دعائون ڪرائڻ ويندا آهيون ، الله اُنهن جي ٻُڌي ٿو ــ پر جيڪڏهن الله اُنهن جي ٻُڌي ٿو تہ پوءِ جڏهن اُنهن جي قبرن تي پاٽي اچي ويندو آهي يا ڪو ٻيو، دين جو شرارتي ماڻهو شرارت ڪرڻ گهري ٿو تہ پوءِ اُن وقت بادشاهن جي خوابن ۾ اُنهن کي اچڻو ٿو پئى ، ڪُجھ سوچو تہ هيءَ ڪهڙو عقيدو آهي؟ اوهان جي عقل تي افسوس آهي ! الله شرڪ مان نڪرڻ جي توفيق ڏي ۔

# فرقن جي خوابن ۾ تضاد

وهابي عالم صالح المغامسي جو چوڻ آهي ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم کي ڏسڻ ممڪن آهي اِهو مبشرات مان آهي ايستائين جو اُم المؤمنين کی به ڏسي سگهجي ٿو .

زبير علي زئي پنهنجي مضمون "محمد اسحاق صاحب جهال وارو" پنهنجي خطبات جي روشني ۾ لکن ٿا ته

علامہ رشید رضامصری اپنی کتاب میں لکھتے ہیں کہ مفتی محمد عبدہ (رحمہ اللہ) نے خواب میں رسول اللہ ﷺ کو دیکھا اور انہوں نے آپ سے پوچھا یا رسول اللہ ! اگر احد کے دن اللہ تعالیٰ جنگ کے نتیجہ کے بارے میں آپ کو اختیار دیتا تو آپ فتح پسند فرماتے یا شکست پسند فرماتے ؟ تو آپ نے جواب دیا کہ شکست کو پسند کرتا حالانکہ ساری دنیا فتح کو پسند کرتی ہے ۔(تفسیر نمونہ بحوالہ تفسیر المنار ۳/۹۲" (خطباتِ اسحاق ج ۲ ص ۱۹۳، ۱۹۴)
تبصرہ اس بات کا کیا ثبوت ہے کہ محمد عبدہ (مصری، منکر حدیث بدعتی) نے خوا ب میں ضرور بالضرور رسول اللہ ﷺ کو ہی دیکھا تھا ۔ کیا وہ آپ ﷺ کی صورت مبارک پہنچانتا تھا ؟ کیا اس نے خواب بیان کرنے میں جھوٹ نہیں بولا؟

علامه رشيد رضا مصري پنهنجي ڪتاب ۾ لکن ٿا ته مفتي محمد عبده (رحمہ اللہ) جن خواب ۾ رسول الله کي ڏٺو ، ۽ اُنهن پاڻ سڳورن کان پُڇيو ته يا رسول الله! جيڪڏهن احد واري ڏينهن الله تعاليٰ جنگ جي نتيجي موجب توهان کي اختيار ڏين ها ته توهان فتح پسند ڪريو ها يا شڪست پسند ڪريو ها ،جهڙي طرح سڄي دنيا فتح کي پسند ڪري ٿي ۔ (تفسير نمونه حوالو تفسير المنار ۳/۹۲" (خطباتِ اسحاق ج ۲ ص ۱۹۳، ۱۹۴)

تبصرو  هِن ڳالھ جو ڪھڙو ثبوت آهي تہ  محمد عبده (مصري، منڪرِ حديث بدعتي) خواب ۾ ضرور بالضرور رسول الله ڪي ئي ڏٺو هو ،ڇا اُهي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي صورت مبارڪ سُڃاڻيندا هُئا؟ ڇا اُنهن خواب ٻُڌائڻ ۾  ڪوڙ ڪونہ ڳالهايو؟

اهلحديث عالم، نبي صلي الله عليه وآله وسلم جو خواب ۾ اچڻ مڃيندا آهن،  هڪ مُنڪر حديث ڏسي تہ اُنهن ڪي قبول نہ آهي ۔ نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي صورت ڪهڙي اهلحديث ڏٺي آهي اِها ڳالھ زبير علي زئي ڪونہ ٻُڌائي ؟

غير مقلدن جو هڪ اشتهار نظرن ڪان گُذريو




نبي صلي الله عليه وآله وسلم   حديث جي منڪرن جي خوابن ۾ اچي رهيا آهن، اهلحديثن جي خوابن ۾ اچي رهيا آهن، صوفين جي خوابن ۾ اچي رهيا آهن، عقل رکڻ وارا

سوچين ته ڇا اِهو مولوين جو وِچايل ڄار نہ آهي  تہ پنهنجو معتقد (هم عقيدا) بڻائڻ لاء اهڙا طريقا استعمال ڪندا آهن ـ

مولوين جو تماشو اِهو آهي تہ ڪير بہ چوندو آهي تہ اُن خواب ۾ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم کي ڏٺو آهي تہ پوءِ اُن کان صورت پُڇندا آهن، ۽ جيڪڏهن شمائل ۾ جيڪو ذڪر آهي اُن کان الڳ صورت هُوندي آهي ته پوءِ اُن خواب کي رد ڪري ڇڏيندا آهن ـ

مسند احمد جي روايت آهي ته

حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ، حَدَّثَنَا عَوْفُ بْنُ أَبِي جَمِيلَةَ، عَنْ يَزِيدَ الْفَارِسِيِّ، قَالَ  رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي النَّوْمِ زَمَنَ ابْنِ عَبَّاسٍ، قَالَ  وَكَانَ يَزِيدُ يَكْتُبُ الْمَصَاحِفَ، قَالَ فَقُلْتُ لِابْنِ عَبَّاسٍ  إِنِّي رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي النَّوْمِ قَالَ ابْنُ عَبَّاسٍ فَإِنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَقُولُ  " إِنَّ الشَّيْطَانَ لَا يَسْتَطِيعُ أَنْ يَتَشَبَّهَ بِي، فَمَنْ رَآنِي فِي النَّوْمِ، فَقَدْ رَآنِي " فَهَلْ تَسْتَطِيعُ أَنْ تَنْعَتَ لَنَا هَذَا الرَّجُلَ الَّذِي رَأَيْتَ؟ قَالَ قُلْتُ  نَعَمْ، " رَأَيْتُ رَجُلًا بَيْنَ الرَّجُلَيْنِ، جِسْمُهُ وَلَحْمُهُ، أَسْمَرُ إِلَى الْبَيَاضِ، حَسَنُ الْمَضْحَكِ، أَكْحَلُ الْعَيْنَيْنِ، جَمِيلُ دَوَائِرِ الْوَجْهِ، قَدْ مَلَأَتْ لِحْيَتُهُ، مِنْ هَذِهِ إِلَى هَذِهِ، حَتَّى كَادَتْ تَمْلَأُ نَحْرَهُ " – قَالَ  عَوْفٌ لَا أَدْرِي مَا كَانَ مَعَ هَذَا مِنَ النَّعْتِ – قَالَ  فَقَالَ ابْنُ عَبَّاسٍ لَوْ رَأَيْتَهُ فِي الْيَقَظَةِ مَا اسْتَطَعْتَ أَنْ تَنْعَتَهُ فَوْقَ هَذَا

عَوْفُ بْنُ أَبِي جَمِيلَةَ،  يزيد کان روايت ڪيو تہ مان ابن عباس جي دور ۾ ننڊ ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم کي ڏٺو ...(صورت جيڪا خواب ۾ ڏٺي سا بيان ڪئي وئي) ابن عباس چيو جيڪڏهن تون بيداري ۾ ڏسي وٺين ها تہ اُن کان الڳ نہ هُجي ها ـ

شعيب الأرنؤوط – چون ٿا تہ

إسناده ضعيف، يزيد الفارسي في عداد المجهولين

قال البخاري في " التاريخ الكبير " 8 / 367 وفي " الضعفاء " ص 122  قال لي علي – - يعني ابن المديني

قال عبد الرحمن – يعني ابن مهدي - يزيد الفارسي هو ابن هرمز، قال فذكرته ليحيى فلم يعرفه

امام بُخاري هن جو ذڪر تاريخ الڪبير ۾ ڪيو آهي ۽ الضعفاء ۾ بہ ڪيو آهي، ۽ چيائين تہ مون سان امام علي چيو تہ عبد الرحمان المهدى چون ٿا تہ يزيد الفارسي اِهو ابن هرمز آهي اُن جو ذڪر امام يحيى القطان سان ڪيو تہ اُنهن، اُن کي نہ ڄاتو ـ

ابن ابي حاتم جي قول موجب يحيى القطان هِن جو بہ رد ڪيو تہ اُهي الفارسى هُئا ـ

وأنكر يحيى بن سعيد القطان أن يكونا واحداً،

شعيب الأرنؤوط اُن جو شمار مجهولن ۾ ڪيو آهي ـ

نبي صلي الله عليہ وآله وسلم پنهنجي زندگي مبارڪ ۾ صحابين کي خواب ۾ نظر آيا هوندا ۽ پوءِ اُنهن صحابين پاڻ سڳورن کي بيداري ۾ بہ ڏٺو هوندو، پر اڄ اسان مان ڪير هِن شرط کي پورو ڪري سگهي ٿو؟ نبي صلي الله عليه وآله وسلم جو خواب ۾ اچڻ اُن جي زندگي تائين هو اُهو بہ صرف اُنهن ماڻهن لاءِ جيڪي اسلام قبول ڪري رهيا هُئا ۽ اُنهن نبي کي ڏٺو نہ هو ـ نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي وفات کانپوءِ ڪنهن بہ صحيح حديث ۾ پاڻ سڳورن جو خواب ۾ اچڻ بيان نہ ٿيو آهي ـ اسان تہ صحابين جي ويجهي جا بہ نہ آهيون!

اخباري خبرن موجب جڏهن امريڪا،افغانستان تي حملو ڪيو تہ اُتي جي حاڪم، مُلا عمر کي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جو خواب ۾ ديدار ٿيو ۽ خواب ۾ حڪم ڏنو ويو تہ ڪابل کي ڇڏي هليو وڃ الله تعاليٰ جلد ئي فتح مبين عنايت ڪرڻ وارو آهي ـ
جيتوڻيڪ پنهنجي عوام کي ڇڏي مُلا عمر هڪ موٽر سائيڪل تي چڙهي ڀڄي ويا ۽ پوئتي جهاد جي خواهش مند جوانن کي سرڪش ۽ نقصان ڪرڻ وارو ڪري ويا۔

اُمت جو اِهو حال آهي تہ فقهن جا اختلاف هُجن يا جنگون ۽ جهيڙا هُجن يا يهود ۽ نصراني سازشيون هُجن سڀني جي جاڻ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم کي آهي، ۽ اُهي خواب ۾ اچي ڪري مدد ڪندا آهن ـ

آئون چوان ٿو تہ هيءَ علم غيب ۾ نقيل وجهڻ جي خبر آهي جيڪو صرف الله جو حق آهي ـ

هنن تي ڏاڙو هن اُمت ئي وڏو آهي تڏهن تہ سزا طور هنن تي ذلت ۽ خواري چانيل آهي ـ

حديث ۾ آهي ته هڪ ماڻهون خواب بيان ڪري رهيو هو تہ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم اُن ڪي دڙڪو ڏنو ۽ چيائون تہ

لَا تُخْبِرْ بِتَلَعُّبِ الشَّيْطَانِ بِكَ فِي الْمَنَامِ

هِن جي خبر نہ ڏي، تہ شيطان توسان گڏ نند ۾ ڪهڙي راند ڪئي ـ

ظاهر آهي اِهو ڪو صحابي هوندو جن ڪي منح ڪيو ويو تہ جيڪو بہ خواب ۾ ڏسو اُن ڪي سچي سمجهي بيان نہ ڪريو ـ

الله تعاليٰ اسان سيني ڪي هدايت ڏي ـ

## نبي صلي الله عليه وآله وسلم ۽ امام ترمذي کان ناراضگي

ابو بکر الخلال ڪتاب السنه ۾ بيان ڪندا آهن ته امام ترمذي هِن عقيدي جي خلاف هُئا تہ قيامت جي ڏينهن نبي صلي الله عليه وآله وسلم کي نعوذبالله عرش تي الله تعاليٰ پاڻ سان گڏ ويهاريندو ابوبکر الخلال ، نبي صلي الله عليه وآله وسلم جو خواب ۾ اچڻ نقل ڪن ٿا تہ

وَسَمِعْتُ أَبَا بَكْرِ بْنَ صَدَقَةَ، يَقُولُ حَدَّثَنِي أَبُو الْقَاسِمِ بْنُ الْجَبَلِيُّ، عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ إِسْمَاعِيلَ صَاحِبِ النَّرْسِيِّ قَالَ ثُمَّ لَقِيتُ عَبْدَ اللَّهِ بْنَ إِسْمَاعِيلَ فَحَدَّثَنِي، قَالَ رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي النَّوْمِ، فَقَالَ لِي هَذَا التِّرْمِذِيُّ، أَنَا جَالِسٌ لَهُ، يُنْكِرُ فَضِيلَتِي "

عبدالله بن اسمعيل چوي ٿو ته منهنجي خواب ۾ نبي صلي الله عليه وآله وسلم آيا ۽ چيائين ته اي ترمذي! آئون هِن لاءِ ويٺو آهيان ۽ هيءَ منهنجي فضيلت جو انڪاري آهي ـ

ابو بڪر الخلال صاف ڪونه ٻڌايو ته هِن خواب ۾ نبي صلي الله عليه وآله وسلم جو چوڻ ته آئون ويٺو آهيان ته حقيقت ۾ اُهي ويٺا ڪٿي آهن مبهم انداز ۾ نبي صلي الله عليه وآله وسلم کي عرش تي ويهاريو ويو آهي ته جيئن امام ترمذي تي جرح ٿي سگهي ـ

هڪ ٻيو خواب به پيش ڪندا آهن ته

أَخْبَرَنِي الْحَسَنُ بْنُ صَالِحٍ الْعَطَّارُ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ عَلِيٍّ السَّرَّاجِ، قَالَ " رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، وَأَبُو بَكْرٍ عَنْ يَمِينِهِ، وَعُمَرُ عَنْ يَسَارِهِ، رَحْمَةُ اللَّهِ عَلَيْهِمَا وَرِضْوَانُهُ، فَتَقَدَّمْتُ إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقُمْتُ عَنْ يَسَارِ عُمَرَ، فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ، إِنِّي أُرِيدُ أَنْ أَقُولَ شَيْئًا فَأَقْبَلَ عَلَيَّ، فَقَالَ قُلْ، فَقُلْتُ إِنَّ التِّرْمِذِيَّ يَقُولُ إِنَّ اللَّهَ عَزَّ وَجَلَّ لَا يُقْعِدُكَ مَعَهُ عَلَى الْعَرْشِ، فَكَيْفَ تَقُولُ يَا رَسُولَ اللَّهِ، فَأَقْبَلَ عَلَيَّ شِبْهَ الْمُغْضَبِ وَهُوَ يُشِيرُ بِيَدِهِ الْيُمْنَى عَاقِدًا بِهَا أَرْبَعِينَ، وَهُوَ يَقُولُ «بَلَى وَاللَّهِ، بَلَى وَاللَّهِ، بَلَى وَاللَّهِ، يُقْعِدُنِي مَعَهُ عَلَى الْعَرْشِ، بَلَى وَاللَّهِ يُقْعِدُنِي مَعَهُ عَلَى الْعَرْشِ، بَلَى وَاللَّهِ يُقْعِدُنِي مَعَهُ عَلَى الْعَرْشِ، ثُمَّ انْتَبَهْتُ

مُحَمَّدِ بْنِ عَلِيٍّ السَّرَّاجِ چوي ٿو ته مان رسول صلي الله عليه وسلم کي خواب ۾ ڏٺو ۽ ابوبڪر ۽ عمر رحمه الله تعاليٰ اُن سان گڏ هُئا، ابوبڪر ساڄي پاسي ۽ عمر کاٻي پاسي کان ويٺا هُئا ، بس آئون عمر جى ساڄي پاسي کان اڃي عرض ڪيو ته يا رسول الله آئون گُهران ٿو ته توهان تي هڪ شيءِ پيش ڪيان رسول الله فرمايو ٻڌايو ـ مون چيو هيءَ ترمذي چوي ٿو ته توهان الله عزوجل سان گڏ عرش تي ڪونه ويهندؤ ته پوءِ توهان هِن جي لاءِ ڇا ٿا چؤ رسول الله.! بس مون ڏٺو ته رسول الله رنج ٿيا ۽ اُنهن ساڄي هٿ سان اشارو ڪيو ... ۽ چئي رهيا هُئا بلڪل الله جو قسم ، بلڪل الله جو قسم آئون الله سان گڏ عرش تي ويهندُس ، آئون الله سان گڏ عرش تي ويهندُس الله جو قسم آئون الله سان گڏ عرش تي ويهندُس ـ پوءِ خبردار ڪيائين ـ

استغفرالله ! اهڙن عقيدن کي محدثن جي هڪ ٽولي سچ تسليم ڪندي آئي آهي ـ

الله جو شڪر آهي تہ بدعتي عقيدن تي ڪو نہ ڪو محدث ڦاسي ٿو پئي ۽ اڄ اسان فيصلو ڪري سگهون ٿا تہ سچ ڇا آهي، مثال طور اِهو عقيدو تہ نبي صلي الله عليه وآله وسلم کي عرش تي ويهاريو ويندو ۽ نبين جا جسم سلامت رهڻ وارن اهڙن بدعتي عقيدن کي امام بُخاري ۽ ابي حاتم رد ڪن ٿا

حديث ۾ آيو آهي تہ

منهنجي اُمت مان، مون سان سڀني کان وڌيڪ محبت ڪرڻ وارا اُهي ماڻهو آهن جيڪي منهنجي وفات کانپوءِ ايندا ۽ اُنهن جي خواهش هوندي تہ مونکي ڏسڻ لاءِ پنهنجو مال ملڪيت سڀ خرچ ڪري ڇڏين ۔

هن حديث مان ظاهر آهي تہ نبي صلي الله عليه وآله وسلم کي خواب ۾ ڏسڻ ممڪن نہ آهي، بلڪہ جيڪڏهن ڪو نبي کي ڏسڻ گهري ٿو تہ ڇا اُهو صرف ننڊ ۾ ئي پيو رهندو ته جيئن ٿي سگهي ٿو نبي صلي الله عليه وآله وسلم خواب ۾ اچي وڃن! حديث ۾ تہ آهي اُهي گهر ٻار مال ملڪيت بہ خرچ ڪرڻ لاءِ تيار هوندا پر پوءِ بہ اُهي ڏسي نہ سگهندا ۔

چيو ويندو آهي تہ اُمت جي عالمن جو هِن تي اجماع آهي تہ جيڪڏهن خواب ۾ نبي صلي الله عليه وآله وسلم ڪنهن کي ڪا اهڙي ڳالهہ ٻُڌائي يا ڪو اهڙو حُڪم ڏي جيڪو شريعت جي خلاف هُجي تہ اُن تي عمل جائز نہ آهي ۔ پر اِها هوشياري ڇو ؟ جيڪڏهن شڪل شمائل جی مطابق آهي ۽ اوهان جو عقيدو آهي تہ شيطان، نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي شڪل بہ ٺاھي نٿو سگهي تہ پوءِ اهڙي خواب واري حُڪم يا حديث کي رد ڪرڻ جي ڪهڙي دليل آهي؟ ٻي ڳالهہ اِها بہ آهي تہ اِهو اُمت جو اجماع ڪڏهن ٿيو ڪير ڪير هن ۾ شريڪ ٿيا اِها ڳالهہ ظاهر ڇو نہ ڪئي ويندي آهي ؟

چيو ويندو آهي تہ نبي صلي الله عليه وآله وسلم کي خواب ۾ ڏسڻ اُن جي خصوصيت آهي ، تہ پوءِ هِن جو مطلب اِهو ٿيو تہ جيڪي ماڻهو چون ٿا تہ اُنهن جي خوابن ۾ ولي يا صحابي ايندا آهن تہ پوءِ اُهي ڪوڙا آهن، ڇو جو جيڪڏهن اِهي سڀ خواب ۾ اچي سگهن ٿا تہ پوءِ نبي جي خصوصيت ڪيئن رهندي؟

## خوابن بابت حديثن کي صحيح قرار ڏيڻ

صحيح بُخاري ۾ ابن مسعود کان هڪ قول مروي آهي جنهن موجب ١٢٠ ڏينهن کانپوءِ يعني ۴ مهينن کانپوءِ روح ايندو آهي

حَدَّثَنَا الحَسَنُ بْنُ الرَّبِيعِ، حَدَّثَنَا أَبُو الأَحْوَصِ، عَنِ الأَعْمَشِ، عَنْ زَيْدِ بْنِ وَهْبٍ، قَالَ عَبْدُ اللَّهِ حَدَّثَنَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ الصَّادِقُ المَصْدُوقُ، قَالَ ” إِنَّ أَحَدَكُمْ يُجْمَعُ خَلْقُهُ فِي بَطْنِ أُمِّهِ أَرْبَعِينَ يَوْمًا، ثُمَّ يَكُونُ عَلَقَةً مِثْلَ ذَلِكَ، ثُمَّ يَكُونُ مُضْغَةً مِثْلَ ذَلِكَ، ثُمَّ يَبْعَثُ اللَّهُ مَلَكًا فَيُؤْمَرُ بِأَرْبَعِ كَلِمَاتٍ، وَيُقَالُ لَهُ اكْتُبْ عَمَلَهُ، وَرِزْقَهُ، وَأَجَلَهُ، وَشَقِيٌّ أَوْ سَعِيدٌ، ثُمَّ يُنْفَخُ فِيهِ الرُّوحُ، فَإِنَّ الرَّجُلَ مِنْكُمْ لَيَعْمَلُ حَتَّى مَا يَكُونُ بَيْنَهُ وَبَيْنَ الجَنَّةِ إِلَّا ذِرَاعٌ، فَيَسْبِقُ عَلَيْهِ كِتَابُهُ، فَيَعْمَلُ بِعَمَلِ أَهْلِ النَّارِ، وَيَعْمَلُ حَتَّى مَا يَكُونُ بَيْنَهُ وَبَيْنَ النَّارِ إِلَّا ذِرَاعٌ، فَيَسْبِقُ عَلَيْهِ الكِتَابُ، فَيَعْمَلُ بِعَمَلِ أَهْلِ الجَنَّةِ ”

اوهان مان هر هڪ جي پيدائش اُن جي ماءُ جي پيٽ ۾ پوري ڪئي ويندي آهي، چاليهہ " ڏينهن تائين نُطفو رهي ٿو، پوءِ ايتري ئي وقت تائين منجمد رت جو دڳ پوءِ ايترن ئي ڏينهن تائين گوشت جو دڳ رهي ٿو اُن کانپوءِ الله ،هڪ ملائڪ موڪلي ٿو ۽ اُن کي چار ڳالهين جو حڪم ڏنو ويندو آهي تہ اُن جو عمل اُن جو رزق، ۽ اُن جي عمر لکهي وٺ ۽ اِهو بہ لکهي وٺ تہ بد بخت آهي يا نيڪ بخت، اُن کانپوءِ اُن ۾ روح ڦوڪيو ويندو آهي..."(صحيح بُخاري باب بدء الخلق ـصحيح مسلم باب القدر)

هِن روايت کي جڏهن تہ امام بخاري ۽ مسلم، صحيح چون ٿا پر هِن جي سند ۾ زيد بن وهب جو تفرد آهي ۽ امام السفوي جي چوڻ موجب تہ هِن روايت ۾ خلل آهي ـ

طحاوي ڪتاب مشڪل الاثار ۾ هِن روايت تي بحث ڪرڻ کانپوءِ چون ٿا تہ

وَقَدْ وَجَدْنَا هَذَا الْحَدِيثَ مِنْ رِوَايَةِ جَرِيرِ بْنِ حَازِمٍ , عَنِ الْأَعْمَشِ , بِمَا يَدُلُّ أَنَّ هَذَا الْكَلَامَ مِنْ كَلَامِ ابْنِ مَسْعُودٍ , لَا مِنْ كَلَامِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

۽ اسان کي مليو آهي جَرِيرِ بْنِ حَازِمٍ , عَنِ الْأَعْمَشِ , کان تہ اِهو قول ابن مسعود جو آهي، نہ ڪي نبي جو قول ـ

آئون چوان ٿو تہ هِن جي جيڪا سند صحيح قرار ڏني وئي آهي اُن ۾ زيد جو تفرد آهي جيڪو مضبوط نہ آهي.

هن حديث بابت ماڻهن کي شڪ ٿيو جيتوڻيڪ كتاب جامع العلوم والحكم في شرح خمسين حديثا من جوامع الكلم از ابن رجب ۾ آهي تہ

وَقَدْ رُوِيَ عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ زَيْدٍ الْأَسْقَاطِيِّ، قَالَ رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِيمَا يَرَى النَّائِمُ، فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ، حَدِيثُ ابْنِ مَسْعُودٍ الَّذِي حَدَّثَ عَنْكَ، فَقَالَ حَدَّثَنِي رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، وَهُوَ الصَّادِقُ الْمَصْدُوقُ. فَقَالَ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ " وَالَّذِي لَا إِلَهَ غَيْرُهُ حَدَّثْتُهُ بِهِ أَنَا " يَقُولُهُ ثَلَاثًا، ثُمَّ قَالَ غَفَرَ اللَّهُ لِلْأَعْمَشِ كَمَا حَدَّثَ بِهِ، وَغَفَرَ اللَّهُ

مُحَمَّدِ بْنِ زَيْدٍ الْأَسْقَاطِيِّ روايت ڪيو تہ مون خواب ۾ نبي کي ڏٺو چيائين تہ يا رسول الله حديث ابن مسعود جيڪا روايت اُنهن اوهان کان ٻُڌي آهي ۽ چيو تہ سچن مان سچي چيو؟ فرماياؤن ته هو جنهن کان سواءِ ڪو الہ ناهي مان پاڻ ئي هن کي اُن لاءِ روايت ڪيو هو ـ ائين ٽي ڀيرا چيائين، پوءِ چيائين تہ الله اعمش جي مغفرت ڪري تہ اُنهن هِن کي روايت ڪيو ـ

يعني ماڻهن هِن حديث کي خوابن ۾ رسول الله کان ثابت ڪرايو، تہ جيئن صحيح بُخارى ۽ مسلم جي حديث کي صحيح چاتو وڃي ـ

مسند علي بن الجَعْد بن عبيد الجَوْهَري البغدادي (المتوفى 230هـ) ۾ آهي تہ

أَخْبَرَنَا عَبْدُ اللَّهِ قَالَ حَدَّثَنِي سُوَيْدُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ نا عَلِيُّ بْنُ مُسْهِرٍ قَالَ سَمِعْتُ أَنَا وَحَمْزَةُ الزَّيَّاتُ، مِنْ أَبَانَ بْنِ أَبِي عَيَّاشٍ خَمْسَ مِائَةِ حَدِيثٍ، أَوْ ذَكَرَ أَكْثَرَ، فَأَخْبَرَنِي حَمْزَةُ قَالَ «رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي الْمَنَامِ، فَعَرَضْتُهَا عَلَيْهِ، فَمَا عَرَفَ مِنْهَا إِلَّا الْيَسِيرَ خَمْسَةَ أَوْ سِتَّةَ أَحَادِيثَ، فَتَرَكْتُ الْحَدِيثَ عَنْهُ

اسان کي عبد الله بن محمد بن عبد العزيز البغوي خبر ڏني تہ سويد بيان ڪيو تہ، علي بيان ڪيو تہ آئون ۽ حمزه ابان کان هزار حديثون ٻُڌيون يا اُن کان بہ گهٽيون ـ بس حمزه

خبر ڏني تہ مان رسول الله صلي الله عليه وسلم کي خواب ۾ ڏٺو اُن تي اُنهن هزار روايتون پيش کيون  رسول الله صرف پنج يا ڇهہ کي ڄاڻي سگهيا ـ بس هِن لاءِ مان  ابان بن ابی عياش جي حديث ترک کري ڇڏي ـ

امام مسلم صحيح جي مقدمي ۾ هِن قول کي نقل کيو آهي

ابان بن ابی عياش کي محدث ،مُنکر الحديث ، متروک، کوڙو چوندا آهن ۽ امام ابوداؤد سنن ۾ روايتون آڻيندا آهن ـ

ابان بابت قول جو دارو مدار سويد بن سعيد الحَدَثاني تي آهي جيکو امام بُخاري جي ويجهو مُنکر الحديث آهي ۽  يحيى بن معين چون ٿا تہ "حلال الدم" اُن جو خون حلال آهي .

يعني اِهو رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جو خواب ۽ اُن تي جرح جو قول پاڻ ضعيف آهي جيکو امام مسلم پيش کيو آهي ـ

سويد بن سعيد اختلاط جو شکار ٿيا غالباً اِها روايت بہ اُنهيءَ وقت جي آهي ـ

جيتوڻيک خواب ۾ ٻُڌي رسول صلي الله عليه وآله وسلم جي ڳالهہ بيان کرڻ حديث نہ آهي ۽ اِهو قول بہ جرح جي لاءِ نا قابل قبول آهي ، پر ظاهر آهي محدثين جي هک ٽولي جرح ۽ تعديل ۾ خواب کي دليل بڻائي رهي هُئي ـ جڏهن تہ هن جي ضرورت نہ آهي

سنن ابو داؤد جي  روايت ٥٠٧٧ آهي تہ

حَدَّثَنَا مُوسَى بْنُ إِسْمَاعِيلَ، حَدَّثَنَا حَمَّادٌ، وَوُهَيْبٌ، نَحْوَهُ عَنْ سُهَيْلٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنِ ابْنِ أَبِي عَائِشٍ، وَقَالَ حَمَّادٌ  عَنْ أَبِي عَيَّاشٍ، أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، قَالَ  " مَنْ قَالَ إِذَا أَصْبَحَ  لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ، لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ، وَلَهُ الْحَمْدُ، وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ، كَانَ لَهُ عِدْلَ رَقَبَةٍ مِنْ وَلَدِ إِسْمَاعِيلَ، وَكُتِبَ لَهُ عَشْرُ حَسَنَاتٍ، وَحُطَّ عَنْهُ عَشْرُ سَيِّئَاتٍ، وَرُفِعَ لَهُ عَشْرُ دَرَجَاتٍ، وَكَانَ فِي حِرْزٍ مِنَ الشَّيْطَانِ حَتَّى يُمْسِيَ، وَإِنْ قَالَهَا إِذَا أَمْسَى كَانَ لَهُ مِثْلُ

ذَلِكَ حَتَّى يُصْبِحَ " قَالَ فِي حَدِيثِ حَمَّادٍ فَرَأَى رَجُلٌ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِيمَا يَرَى النَّائِمُ، فَقَالَ يَا رَسُولَ اللَّهِ، إِنَّ أَبَا عَيَّاشٍ يُحَدِّثُ عَنْكَ بِكَذَا وَكَذَا، قَالَ "صَدَقَ أَبُو عَيَّاشٍ"

حَمَّادٌ جن أَبِي عَيَّاشٍ كان اُنهن رسول الله صلي الله عليه وسلم كان روايت ڪيو تہ جنهن صبح جي وقت چيو " لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ، لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ، وَلَهُ الْحَمْدُ، وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ" تہ اُن جي لاءِ اائين ٿيندو تہ اُن إِسْمَاعِيلَ جي اولاد مان هڪ ڪنده (جان) ڪي آزاد ڪيو اُن جي لاءِ ڏھ نيڪيون لکيون ويندیون ۽ ڏھ گُناھ مِٽجي ويندا اُن جا ڏھ درجا بلند ٿيندا اِهي لفظ شام تائين شيطان کان حفاظت ڪندا ... حماد بن سلمة چيو تہ پوءِ هڪ ماڻهو رسول صلي الله عليه وسلم ڪي خواب ۾ ڏٺو چيائين تہ يا رسول الله ابى عياش هيئنءَ ، هيئنءَ روايت ڪيو آهي، پاڻ فرماياڻون تہ أَبُو عَيَّاشٍ سچ چيو آهي ۔

هن روايت ڪي الباني صحيح قرار ڏنو آهي، جڏهن تہ المنذري (المتوفى 656 هـ) مختصر سنن أبي داؤد ۾ خبر ڏني هُئي تہ

ذكره أبو أحمد الكرابيسي في كتاب الكنى، وقال له صحبة من النبي -صلى اللَّه عليه وسلم-، وليس حديثه من وجه صحيح، وذكر له هذا الحديث.

أبو عياش الزُّرقي الأنصاري جنهن جو نالو زيد بن الصامت آهي اُن جو ذڪر الكني ۾ أبو أحمد الڪرابيسي ڪيو آهي ۽ چيو تہ هِن ڪي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي صحابي هئڻ جو درجو مليو آهي، پر اِها حديث هِن طرق سان صحيح نہ آهي ۽ خاص هِن حديث جو ذڪر ڪيو ۔

قال أبو زرعة الدمشقي، عن أحمد بن حنبل أبو عياش الزرقي، زيد بن النعمان. «تاريخه (1245)

وقال أبو محمد ابن حزم في «المحلى زيد أبو عياش لا يدري من هو

ڪُجھ عالمن جو چوڻ آهي تہ اِهو ماڻهوءَ صحابي نہ آهي بلڪہ ڪو مجهول آهي

حماد بن سلمہ خبر ڏني تہ هڪ ماڻهوء ڏنو ، اِهو ماڻهوء ڪير آهي خبر نہ آهي ـ ياد هُئڻ گهرجي تہ حماد پاڻ مختلط بہ تي ويا هُئا

## بيداري ۾ بہ ڏسڻ ممڪن آهي

فيض الباري ۾ انور شاھ ڪشميري لکن ٿا تہ

ويمكن عندي رؤيته صلى الله عليه وسلّم يقظةً (1) لمن رزقه الله سبحانه كما نقل عن السيوطي رحمه الله تعالى – وكان زاهدًا متشددًا في الكلام على بعض معاصريه ممن له شأن – أنه رآه صلى الله عليه وسلّم اثنين وعشرين مرة وسأله عن أحاديث ثم صححها بعد تصحيحه صلى الله عليه وسلّم

منهنجى ويجهو بيدارى ۾ بہ رسول الله ڪي ڏسڻ ممڪن آهي جنهن کي الله عطاء ڪري، جيئن تہ سيوطي کان نقل ڪيو ويو آهي جيڪو هڪ سخت زاهد هُئا ... اُنهن رسول الله صلي الله عليه وسلم کي ٢٨ ڀيرا ڏٺو ۽ اُنهن کان حديثن جي تصحيح ڪرائڻ کانپوءِ اُنهن کي صحيح قرار ڏنو ـ

انور شاھ وڌيڪ لکن ٿا تہ

والشعراني رحمه الله تعالى أيضًا كتب أنه رآه صلى الله عليه وسلّم وقرأ عليه البخاري في ثمانية رفقة معه

الشعراني ، رسول الله کي ڏٺو ۽ اُنهن جي سامهون صحيح بُخاري پنهنجي ٨ رفقاء (ساٿين) سان گڏ پڙهي

جلال الدين سيوطي الحاوي للفتاوي ج ٢ ص ٣١٣ تي گهڻن ئي عالمن ۽ صوفين جا قول نقل ڪيا آهن تہ الله تعالىٰ نبي صلي الله عليه وسلم جن جي وصال کانپوءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي روح اقدس کي ملڪوت زمين ۽ آسمان ۾ تصرف وسيع عطا ڪري ڏنو آهي ـ ڏينهن هُجي يا رات ، خواب جو عالم هُجي يا جاڳڻ جو عالم، جنهن

وقت ۾ جڏهن ٻه ڳُهرن ڪنهن ٻه غلام کي پنهنجي ديدار ۾ زيارت سان نوازي سگهن ٿا، جنهن کي ڳُهرن چادر مبارڪ عطاء ڪري وجن ۾ جنهن کي ڳُهرن وار مبارڪ ڏين.

الألوسي (المتوفى 1270هـ) سوره الاحزاب جي تفسير ۾ روح المعاني ۾ لکن ٿا ته

وأيد بحديث أبي يعلى «والذي نفسي بيده لينزلن عيسى ابن مريم ثم لئن قام على قبري وقال يا محمد لأجيبنه . وجوز أن يكون ذلك بالاجتماع معه عليه الصلاة والسّلام روحانية ولا بدع في ذلك فقد وقعت رؤيته صلّى اللّٰه عليه وسلم بعد وفاته لغير واحد من الكاملين من هذه الأمة والأخذ منه يقظة

۽ هِن جو جوڙ ٿئي ٿو حديث ابي يعلي ساڻ جنهن ۾ آهي ته هو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي عيسيٰ عليه السلام ضرور نازل ٿيندا پوءِ جڏهن منهنجي قبر تي ايندا ۽ چوندا يا محمد، آئون جواب ڏيندُس ـ ۽ اِهو جائز آهي ته اجتماع انبياء جو روحاني ٿيندو ۽ اِهو بعيد ٻه نه آهي چو جو هِن اُمت جي هڪ کان وڌيڪ ڪاملين، رسول اللّٰه صلي اللّٰه عليه وآله وسلم کي وفات کانپوءِ بيداري ۾ ڏٺو آهي.

آئون هِن سان متفق نه آهيان ابي يعلي جي روايت کي منڪر سمجها ٿو

هِن ساڳي تفسير ۾ سوره يٰسين موجب الوسي لکن ٿا ته

والأنفس الناطقة الإنسانية إذا كانت قدسية قد تنسلخ عن الأبدان وتذهب متمثلة ظاهرة بصور أبدانها أو بصور أخرى كما يتمثل جبريل عليه السلام ويظهر بصورة دحية أو بصورة بعض الأعراب كما جاء في صحيح الأخبار حيث يشاء اللّٰه عز وجل مع بقاء نوع تعلق لها بالأبدان الأصلية يتأتى معه صدور الأفعال منها كما يحكى عن بعض الأولياء قدست أسرارهم أنهم يرون في وقت واحد في عدة مواضع وما ذاك إلا لقوة تجرد أنفسهم وغاية تقدسها فتمثل وتظهر في موضع وبدنها الأصلي في موضع آخر

نفس ناطقه انساني جڏهن پاڪ ٿي وڃن ٿا ته پنهنجي بدن کان الڳ ٿي ڪري ملنڌ جُلنڌ ظاهري بدن سان يا ڪنهن ٻي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن جيئن ته جبريل جي شڪل ۾ يا دحيه ڪلبي جي صورت يا بدو جي صورت جهڙو ته اِهو صحيح حديثن ۾ آيو

آهي، جهڙي طرح الله گُهري اُن بدن جي بقاء لاءِ گڏ جيڪو اصلي بدن سان بہ جُڙيل هُجي هڪڙي ئي وقت ۾، پر گهٽن ئي جاين تي هُجي، اِهڙي طرح حڪايت ڪيو ويو آهي، اوليائن سان جن جا پاڪ راز آهن تہ اُنهن کي هڪڙي ئي وقت ۾ الڳ الڳ جاين تي ڏٺو ويو آهي ۔

اهڙي طرح الوسي ثابت ڪيو تہ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم هڪڙي ئي وقت ۾ ڪيترين ئي جڳهن تي ظاهر ٿي سگهندا آهن ۔

اج اِهو عقيدو بريلوين جو آهي ۔ آئون هِن فلسفي کي رد ڪيان ٿو

# انبيائن جا نبوت کان پهرين جا خواب

قرآن ۽ حديث ۾ انبيائن کي نبوت ملڻ کان اڳ ۾ سچن خوابن جو ذڪر موجود آهي ۔ اُنهن خوابن بابت جيڪا رهنمائي ملي ٿي اُها هيء آهي ته جڏهن ته اُهي خواب سچا هوندا آهن پر اُهي الوحي موجب نه هوندا آهن ۔

## نبي ٿيڻ کان اڳ ۔ نبي صلي الله عليه وآله وسلم جا خواب

صحيح بُخاري جي شروعاتي الوحي ۔ واري روايت ۾ ذڪر آهي ته نبي تي اُنهيء حڪم نبوت جي شروعات سچن خوابن سان ٿي ۔ پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم جيڪو ڪُجهه به ڏسندا هُئا بئي ڏينهن اُهو پورو ٿي ويندو هو، هِن ڪيفيت پاڻ سڳورن کي دنيا مان بي رغبت ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم التحنث جبل تي وڃڻ شروع ڪري ڏنو ۔

صحيح بُخاري حديث  نمبر ٣ آهي هِن ۾ الوحي جو لفظ آهي

حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ بُكَيْرٍ، قَالَ  حَدَّثَنَا اللَّيْثُ، عَنْ عُقَيْلٍ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ، عَنْ عُرْوَةَ بْنِ الزُّبَيْرِ، عَنْ عَائِشَةَ أُمِّ الْمُؤْمِنِينَ أَنَّهَا قَالَتْ  أَوَّلُ مَا بُدِئَ بِهِ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنَ الْوَحْيِ الرُّؤْيَا الصَّالِحَةُ فِي النَّوْمِ

عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا فرمايو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم تي جڏهن الوحي شروع ٿي تڏهن ننڊ ۾ سچا خواب ڏٺا ۔

صحيح بُخاري ح ٦٩٨٢ ۾ الوحي جو لفظ آهي

حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ بُكَيْرٍ، حَدَّثَنَا اللَّيْثُ، عَنْ عُقَيْلٍ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ، ح وحَدَّثَنِي عَبْدُ اللَّهِ بْنُ مُحَمَّدٍ، حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ، حَدَّثَنَا مَعْمَرٌ قَالَ الزُّهْرِيُّ فَأَخْبَرَنِي عُرْوَةُ، عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا، أَنَّهَا قَالَتْ أَوَّلُ مَا بُدِئَ بِهِ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنَ الوَحْيِ الرُّؤْيَا الصَّادِقَةُ فِي النَّوْمِ

عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا فرمايو تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم تي جڏهن الوحي شروع ٿي ته ننڊ ۾ سچا خواب ڏٺا .

صحيح بُخاري ح ٤٩٥٥ تي هِن ساڳي سند سان الوحي جو لفظ نہ آهي

حَدَّثَنَا ابْنُ بُكَيْرٍ، حَدَّثَنَا اللَّيْثُ، عَنْ عُقَيْلٍ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ، عَنْ عُرْوَةَ، أَنَّ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا، قَالَتْ " أَوَّلُ مَا بُدِئَ بِهِ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الرُّؤْيَا الصَّالِحَةُ

عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا فرمايو تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم تي جڏهن اُهو سلسلو شروع ٿيو تہ ننڊ ۾ سچا خواب ڏٺا .

صحيح بُخاري حديث ٤٩٥٣ تی الوحي جو لفظ نہ آهي

حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ بُكَيْرٍ، حَدَّثَنَا اللَّيْثُ، عَنْ عُقَيْلٍ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ، ح وَحَدَّثَنِي سَعِيدُ بْنُ مَرْوَانَ، حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ العَزِيزِ بْنِ أَبِي رِزْمَةَ، أَخْبَرَنَا أَبُو صَالِحٍ سَلْمَوَيْهِ، قَالَ حَدَّثَنِي عَبْدُ اللَّهِ، عَنْ يُونُسَ بْنِ يَزِيدَ، قَالَ أَخْبَرَنِي ابْنُ شِهَابٍ، أَنَّ عُرْوَةَ بْنَ الزُّبَيْرِ، أَخْبَرَهُ أَنَّ عَائِشَةَ، زَوْجَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، قَالَتْ كَانَ أَوَّلَ مَا بُدِئَ بِهِ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الرُّؤْيَا الصَّادِقَةُ فِي النَّوْمِ

عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا فرمايو تہ رسول صلي الله عليه وآله وسلم تي جڏهن اُهو سلسلو شروع ٿيو تہ ننڊ ۾ سچا خواب ڏٺا .

اِنهن سيني سندن ۾ مختصر متن مان ظاهر آهي تہ ڪو راوي پنهنجو پاڻ ئي الوحي جي لفظ کي گهٽ ڪري رهيو آهي يا وڌائي رهيو آهي

اِها هڪڙي ئي سند آهي اصلاً ته امام زهري جي روايت آهي ـ صحيح ۾ پنجن جڳهن تي اِنهي ساڳي سند سان آهي ، ۽ متن ۾ هڪڙو لفظ بدلجي رهيو آهي ـ لفظ الوحي جو اضافو ٿي رهيو آهي ـ

الوحي جي لفظ جو هِن ۾ اضافو آهي ـ جيڪو بي هنڌ تي اِنهن ساڳين سندن سان ڪونه پيو اچي ـ جيتوڻيڪ جيڪا ڳالھ صحيح آهي اُها هيء آهي ته اُم المومنين فرمايو ته نبي صلي الله عليه وآله وسلم شروع ۾ صرف سَچا خواب ڏٺا ـ اُنهن الوحي جو ذڪر ڪيو اِهو راوين جو اضافو آهي ـ

ڪتاب  عيون الأثر في فنون المغازي والشمائل والسير ۾ هِن واقعي جي هڪ ٻي صحابي کان به تفصيل آهي اُهي به هِن ڪي الوحي جي شروعات نٿا چون

وَرُوِّينَا عَنْ أَبِي بِشْرٍ الدَّوْلابِيِّ قَالَ  حَدَّثَنِي مُحَمَّدُ بْنُ حُمَيْدٍ أَبُو قُرَّةَ، ثنَا سَعِيدُ بْنُ عِيسَى بْنِ تَلِيدٍ قَالَ  حَدَّثَنِي الْمُفَضَّلُ بْنُ فَضَلَةَ عَنْ أَبِي الطَّاهِرِ عَبْدِ الْمَلِكِ بْنِ مُحَمَّدِ بْنِ أَبِي بَكْرِ بْنِ مُحَمَّدِ بْنِ عَمْرِو بْنِ حَزْمٍ عَنْ عَمِّهِ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ أَبِي بكر بن محمد بن عمرو بن حزم أَنَّهُ كَانَ مِنْ بَدْءِ أَمْرِ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنَّهُ رَأَى فِي الْمَنَامِ رُؤْيَا،

جنهن وقت سچا خواب اچي رهيا هُئا اُن وقت رسول الله صلي الله عليه وسلم کي خبر نه هُئي ته اِئين چو ٿي رهيو آهي،

## متن جي تاويل

اسان اِنهن روايتن جي تاويل ڪندا سين ته راوي جو الوحي جي اضافي ڪرڻ مان مراد النُّبُوَّة يعني خبر ملڻ آهي ـ هاڻ اُن النُّبُوَّة جي حالت ساڳي آهي جيڪا هڪ عام مومن جي هوندي آهي، جنهن جو ذڪر حديث ۾ به آهي ـ

حدثنا أبو اليمان أخبرنا شعيب عن الزهري حدثني سعيد بن المسيب أن أبا هريرة قال سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول لم يبق من النبوة إلا المبشرات قالوا وما المبشرات قال الرؤيا الصالحة

صحيح بخاري ٦٥٨٩

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته النبوه مان ڪُجھ باقي نہ آهي سواءِ مبشرات جي جيڪي سُٺا خواب آهن ۔

هِن جو جوڙ سيرت ابن هشام سان ٿيندو آهي جنهن ۾ آهي ته

قَالَ ابْنُ إسْحَاقَ فَذَكَرَ الزُّهْرِيُّ عَنْ عُرْوَةَ بْنِ الزُّبَيْرِ، عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا أَنَّهَا حَدَّثَتْهُ أَنَّ أَوَّلَ مَا بُدِئَ بِهِ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ النُّبُوَّةِ، حِينَ أَرَادَ اللَّهُ كَرَامَتَهُ وَرَحْمَةَ الْعِبَادِ بِهِ، الرُّؤْيَا الصَّادِقَةُ،

امام زهري چيو عروه چيو ته عائشه رضي الله عنها فرمايو النبوه ۾ رسول الله تي سڀ کان پهريان جڏهن الله تعاليٰ اُن تي رحم ۽ ڪرامت جو اِرادو ڪيو ته سچن خوابن سان ڪيو.

اِها شروعات الوحي واري روايت ئي آهي فرق اِهو آهي ته الوحي کي النبوه سان بدلي ڪيو ويو آهي ۽ النبوه مان مراد صرف سچي خبر آهي ۔

## متن ۾ مدرج جملا

فتح الباري ۾ ابن حجر هِن تي لکن ٿا ته هِن روايت جی شروع ۾ التحنث جو ذکر راوي جو ادراج آهي ۔

قَالَ وَالتَّحَنُّثُ التَّعَبُّدُ هَذَا ظَاهِرٌ فِي الْإِدْرَاجِ إِذْ لَوْ كَانَ مِنْ بَقِيَّةِ كَلَامِ عَائِشَةَ لَجَاءَ فِيهِ قَالَتْ وَهُوَ يَحْتَمِلُ أَنْ يَكُونَ مِنْ كَلَامِ عُرْوَةَ أَوْ مَنْ دُونَهُ

منهنجي ويجهو شروع جي جملن ۾ الفاظ مدرج آهن _ زهري عروه کان جيڪو ٻڌو اُن ۾ پنهنجو فهم بہ شامل ڪري ڇڏيو آهي ۔

اهڙو مسئلو زهري جي روايتن ۾ رهيو آهي تہ اصل متن ۾ ڳالھ ڇا هُئي معلوم نٿي ٿي سگهي ۔

## الوحي جي شروعات

الوحي جي شروعات اقراء سان آهي ۔ جنهن موجب نبي صلي الله عليه وآله وسلم تي اُن جي رب جو حُڪم اچڻ لڳو ، اُن ڪانپوءِ سيئي خواب الوحي آهن ، هِن کان اڳ جيڪي خواب هُئا اُهی الوحی نہ هُئا ڇو جو اُنهن ۾ صرف جيڪو ڏٺو سو اُهو ئي پورو ٿي رهيو هو، ڪنهن بہ تبليغ جو ڪو حُڪم نہ هو، ۽ نہ ئي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم کي ڪا خبر هُئي تہ اُهي نبي ٿيڻ وارا آهن ۔

قرآن ۾ سوره شوري آيت۵۲ ۾ آهي تہ

وَكَذَٰلِكَ أَوْحَيْنَآ إِلَيْكَ رُوحًا مِّنْ أَمْرِنَا ۚ مَا كُنتَ تَدْرِى مَا ٱلْكِتَٰبُ وَلَا ٱلْإِيمَٰنُ

اهڙي طرح اسان توڏانهن پنهنجي حُڪم سان روح وحي ڪيو، ۽ تون نه هيءَ ڄاڻندو هئين ته ڪتاب ڇا آهي ۽ نه ايمان کي ڄاڻندو هئين ۔

جنهن وقت نبي صلي الله عليه وآله وسلم سچا خواب ڏسي رهيا هُئا اِهو ئي اُهو وقت هو جڏهن پاڻ ڪريمن کي نہ تہ ڪتاب الله جي ڪا ڄاڻ هُئي ۽ نڪي ايمان جي خبر هُئي، جيتوڻيڪ اُن وقت پاڻ سڳورا نبي بہ نہ هُئا، جيڪڏهن ڄاڻندا هُجن ها تہ جبرائيل جي اچڻ جو انتظار ڪن ها ۔ اُنهن کي ڏسي ڪري گهبرائين بہ نہ ها، الوحي جي اچڻ کان اڳ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم کي نہ الله جي ڪتاب جي ڪا ڄاڻ هُئي، نہ ئي ايمان جي ۔ ۽ اِهي ڳالهيون ملائڪ انبيائن کي ٻُڌائيندا آهن ۔ ڇا خواب ۾ ايمان ڪامل جي ڄاڻ ٿي سگهندي آهي؟ خواب تہ اُن وقت الوحي ٿين ٿا جڏهن انبياء _ انبياء بڻجي ويندا آهن ۔

جيڪڏهن اسان اِهو تسليم ڪري وٺون ته رسول الله تي خوابن واري الوحي سيني کان اڳ تي ته اُن جو دور ڪڏهن کان شروع ٿيو؟ ته پوءِ هِن جي ڪا حد نہ آهي ـ گهڻن ئي عالمن اِنهي متن مان دليل ورتي آهي ته رسول الله پيدائشي نبي هُئا ـ اسان کي خبر آهي ته الوحي ٽن طريقن سان ايندي آهي

ءِ ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ ٿيڻو ئي نه آهي ته الله ساڻس ڳالهائي سواءِ هن جي ته الهام سان يا پردي جي پويان يا ڪنهن قاصد موڪلڻ سان (ڳالهائي) پوءِ جيڪي الله گهريو سو سندس حُڪم سان پهچائي ڏي، بيشڪ اُهو (سڀ کان) مٿاهون حڪمت وارو آهي

ءِ سچو خواب مومن به ڏسي ٿو ءِ نبي به ڏسي ٿو پر چو جو نبي ٿيڻ کانپوءِ انبيائن جا دل ننڊ نٿا ڪن اُنهن جا خواب الوحي جي قسم مان آهن، جڏهن ته هڪ عام ماڻهوءَ جو خواب سچو ته ٿي سگهي ٿو پر الوحي هرگز نٿو ٿي سگهي ـ

## چا التحنث سُنت آهي

جيڪڏهن جبرائيل جي اچڻ کان اڳ خوابن ۾ رسول الله تي الوحي اچي رهي هُئي ته اِهو تسليم ڪرڻو پوندو ته رسول الله ايمان جا مندرجات (مثال طور ملائڪن تي ، غيب تي ايمان) ڄاڻندا هُئا (پر اُن جي تبليغ نہ ڪندا هُئا) ته پوءِ ملائڪ کي ڏسي ڪري گهٻرائجي چو ويا؟ جيڪڏهن جبرائيل جي اچڻ کان اڳ خوابن کي الوحي تسليم ڪري وٺون ته پوءِ اِهو به تسليم ڪرڻو پوندو ته جبرائيل جي اچڻ کان پهريائين رسول الله کي خبر پئجي چُڪي هُئي ته ايمان چا آهي ءِ ڪتاب چا آهي ـ ته پوءِ سوال آهي ته  هو التحنث چو ڪري رهيا هُئا ؟چا دين ۾ هِن عبادت جي ڪا دليل موجود آهي ته رهبانن وانگي جبلن ۾ وڃي ويهي رهؤ؟ اسلام ۾ ته گهرٻار ڇڏي ڪري جبلن ۾ وڃي ويهي رهڻ جو حڪم موجود نہ آهي _ الله تعاليٰ ته رهبانيت کي نصراني بدعت قرار ڏني آهي ـ عرب جي حنفاء کي اِها شيءِ اُنهن کان ئي ملي هُئي جيڪا نبي صلي الله کي به پسند اچي وئي ءِ پاڻ ڪريمن به مراقبي غار ۾  وڃي ڪئي ـ جبلن ۾ وڃي ڪري ويهي رهڻ هُتي مراقبي يا التحنث ڪرڻ ، اِهو عمل نبي ٿيڻ کان اڳ جو هو تنهن ڪري اسان جي لاءِ دليل نہ

آهي ـ جيڪڏهن نبي صلي الله عليه وآله وسلم کي جبرائيل جي اچڻ کان بہ اڳ ۾ ئي نبي چاٽيو وڃي تہ التحنث سنت ٿيندي ۽ گهرٻار ڇڏي ڪري جبلن ۾ وڃي ويهي رهڻ اُن جي دليل هوندي ـ

## يوسف عليه السلام جو خواب

سوره يوسف آيت ۴ ۾ بيان ٿيو آهي تہ يوسف عليه السلام هڪ خواب ڏٺو

إِذْ قَالَ يُوسُفُ لِأَبِيهِ يَٰٓأَبَتِ إِنِّى رَأَيْتُ أَحَدَ عَشَرَ كَوْكَبًا وَٱلشَّمْسَ وَٱلْقَمَرَ رَأَيْتُهُمْ لِى سَٰجِدِينَ

(ياد ڪر) جڏهن يوسفؑ پنهنجي پيءُ کي چيو ته اي ابا مون يارهن تارا ۽ سج ۽ چنڊ ڏٺا انهن کي ڏٺم ته مون کي سجدو ٿا ڪن

يعقوب عليه السلام هِن خواب کي ٻُڌڻ کانپوءِ اِهو نہ چيو تہ اسان جي شريعت ۾ سجدو جائز آهي اِها ڪا خاص شيءِ نہ آهي، بلڪہ يعقوب عليه السلام اندازو لڳائي ورتو هو تہ الله تعاليٰ جي طرفان يوسف جي توقير ٿيڻ واري آهي ـ يعقوب عليه السلام خواب کي لِڪائڻ جو حُڪم ڏنو ـ

قَالَ يَٰبُنَىَّ لَا تَقْصُصْ رُءْيَاكَ عَلَىٰٓ إِخْوَتِكَ فَيَكِيدُوا۟ لَكَ كَيْدًا ۖ إِنَّ ٱلشَّيْطَٰنَ لِلْإِنسَٰنِ عَدُوٌّ مُّبِينٌ

(يعقوبؑ) چيو ته اي منهنجا پٽ پنهنجو خواب پنهنجن ڀائرن وٽ بيان نه ڪجِ نه ته تولاءِ ڪو فند ڦيريندا، بيشڪ شيطان انسان جو پڌرو ويري آهي

پوءِ يوسف ڪي اُن جي ڀائرن کوهه ۾ اُڇلايو اُتان الله تعاليٰ مصر پُهچايو ۽ الله تعاليٰ عزيزِ مصر جو وزير بڻايو پوءِ ڏُڪار پوڻ جي ڪري ڀائرن ڪي مصر اچڻو پيو ۽ آخرڪار هڪ وقت آيو ته خواب سچو ٿيو.

وَرَفَعَ أَبَوَيۡهِ عَلَى ٱلۡعَرۡشِ وَخَرُّواْ لَهُۥ سُجَّدٗاۖ وَقَالَ يَٰٓأَبَتِ هَٰذَا تَأۡوِيلُ رُءۡيَٰيَ مِن قَبۡلُ قَدۡ جَعَلَهَا رَبِّي حَقّٗاۖ

۽ پنهنجي ماءُ پيءُ کي تخت تي وهاريائين ۽ اُهي ڏانهس سجدو ڪندي ڪريا، ۽ (يُوسف) چيو ته اي منهنجا ابا هيءُ منهنجي اڳين خوابن جو تعبير آهي، بيشڪ منهنجي پالڻهار ان کي سچو ڪيو،

هِن خواب موجب ڪُجھ ماڻهن بغير دليل موقف اختيار ڪري ورتو آهي ته هِن خواب ڏسڻ ساڻ ئي يوسف جي نبوت جي شروعات ٿي هُئي ـ اِهو موقف هِن لاءِ بڻايو ويو ته ڪهڙي طرح هِن سجدي کي حُڪم اِلٰهي قرار ڏنو وڃي ـ جيڪو سورت ۾ بيان ٿيو ته يعقوب جي نسل مان يوسف جي حوالي سان ٿيو ـ ۽ ڪُجھ ماڻهن هِن سجدي کي الله تعاليٰ کي سجدو قرار ڏنو جڏهن ته آيت ۾ ضمير الها يوسف ڏانهن آهي نه ڪي الله تعاليٰ ڏانهن ـ منهنجو موقف آهي ته اِهو سجدو انحنا هو يعني صرف شرم سار ٿي ڪري جُهڪڻ هو نه ڪي معروف نماز جو اصطلاحي سجدو ـ ياد هُئڻ گُهرجي ته سجد جو لفظ قريش جي عربي جو لفظ آهي ۽ اُن جو مطلب زمين ڏانهن ڪرڻ

آهي ـ جڏهن اُن جا ڀائر مصر جى دربار ۾ پُهتا ته يوسف جا ڀائر شرم ۽ پڇتاءَ جي ڪري جهڪي پيا ۽ اهڙي طرح اُهو خواب سچو ٿيو جيڪو ڏنو هُئين اِهو سجدو تعظيمي نه هو اِهو صرف زمين ڏانهن جهڪڻ هو جنهن کي الانحناء بہ چيو ويندو آهي،

يوسف عليه السلام جڏهن اُهو ڏٺو تہ فرمايائون

وَقَالَ يَٰٓأَبَتِ هَٰذَا تَأۡوِيلُ رُءۡيَٰيَ مِن قَبۡلُ قَدۡ جَعَلَهَا رَبِّي حَقّٗاۖ

اي منهنجا ابا هيءُ منهنجي اڳين خوابن جو تعبير آهي، بيشڪ منهنجي پالڻهار ان کي سچو ڪيو،

## يوسف عليه السلام جو خواب الوحي ڪونہ هو

هِن تي دليل اِها آهي تہ انبيائن تي تہ لازمي آهي تہ جيڪا الوحي هُجي اُن کي وڃي ڳجي

بيان ڪيو وڃي ـ  والله يعصمک من الناس

۽ الله توکي ماڻهن کان پناه ڏيندو

يَٰٓأَيُّهَا ٱلرَّسُولُ بَلِّغۡ مَآ أُنزِلَ إِلَيۡكَ مِن رَّبِّكَۖ وَإِن لَّمۡ تَفۡعَلۡ فَمَا بَلَّغۡتَ رِسَالَتَهُۥۚ وَٱللَّهُ يَعۡصِمُكَ مِنَ ٱلنَّاسِ

اي پيغمبر جيڪو (قرآن) توڏانهن تنهنجي پالڻهار وٽان لاٿو ويو آهي سو پُهچاءِ، ۽ جيڪڏهن (ايئن) نه ڪيئي ته سندس پيغام نه پهچايئي، ۽ الله توکي ماڻهن کان پناه ڏيندو

جنهن کي علم جي ڳالھ جي خبر هُجي ۽ اُهو اُن کي لِڪائي ڇڏي تہ اُن کي دوزخ جي باھ جو ڳچيءِ ۾ ڳٽ وڌو ويندو. (حديث)

اِنهن فرمانن جي روشني ۾ واضح آهي تہ يعقوب عليه السلام اُن کي پنهنجي غير نبي پُٽ يوسف جو سچو خواب  ئي سمجهو جنهن کي اجان نبوت نہ ملي هُئي پر ويجهو

آهي تہ اُن تي نعمت پوري ٿيندي ۽ اُهي نبي بڻايا ويندا ۔ يوسف عليه السلام جو اِهو خواب اهڙي طرح سچي خبر آهي جهڙي طرح هڪ عام مومن ۽انهي کي سچو خواب ايندو آهي جيڪو پورو ٿيندو آهي ۔ يعقوب عليه السلام اُن وقت نبي هُئا اُنهن جيڪو چيو اُن ۾ هِن جو ڪٿي بہ ثبوت نہ آهي تہ اي يوسف تون نبي بڻجي چڪو آهين بلڪہ اُن جي ويجهو تہ اڃان يوسف تي نعمت پوري نہ ٿي آهي ۔ نبي بڻجڻ ئي سڀ کان وڏي نعمت آهي جيڪا يوسف کي اُن وقت ڪونہ ملي هُئي ۔ ڪو بہ خواب ڏسي ڪري عام مومن ڪونہ ٿو چئي سگهي تہ هيئن ٿيندو، پر جيڪڏهن اُهو عام مومن پنهنجو خواب نبي تي پيش ڪندو تہ اُهو نبي اُن جي تاويل ڪري سگهي ٿو ۔ يوسف (عليه السلام) جڏهن غير نبي هُئا تڏهن اُنهن پنهنجو خواب نبي يعقوب (عليه السلام) وٽ پيش ڪيو ۔ تہ يعقوب عليه السلام تاويل ڪئي ۔ يعقوب عليه السلام کي بہ اُن خواب جي مڪمل تفصيل بابت خبر الوحي موجب نہ ملي هُئي تہ يوسف وڇڙي ويندا ۽ اِهو سڀ مصر ۾ ٿيندو _ انبياء جڏهن تاويل ڪندا آهن تہ اُهي اُن جي اشارن تي ڪندا آهن اُنهن تي الوحي نہ ايندي آهي ڇو جو تاويل هڪ علم آهي جيڪو سيکاري ڇڏيو ويندو آهي، اُن جو استعمال ڪري انبياء خوابن جي تعبير ڪندا آهن _ ٻي پاسي الوحي آهي ۔ جيڪا ڪڏهن ايندي انبيائن کي بہ خبر نہ هوندي آهي ۔

يوسف عليه السلام جي تمثيلي خواب کي جيڪڏهن اسان وحي تسليم ڪري وٺون تہ ثابت ٿي ويندو ته انبيائن جيڪي تمثيلي خواب ڏٺا اُنهن کي اُن جي مطلب جي پاڻ کي ئي خبر نہ هُئي جيڪو ممڪن نہ آهي تہ هڪ نبي کي خواب ڏيکاريو وڃي پر هو اُن خواب جي تاويل کي بہ سمجهي ئي نہ سگهي _ جيتوڻيڪ ثابت اِهو ٿئي ٿو تہ يوسف عليه السلام اُن خواب جي اچڻ واري وقت نبي نہ پر عام بشر هُئا _ يوسف عليه السلام جی خواب تی يعقوب عليه السلام پيغمبراڻو تبصرو ڪيو ۽ تبصره بہ انبياء ڪري سگهندا آهن ۔ ۽ دعا بہ ڏئي سگهندا آهن ۔ يعقوب عليه السلام جي تبصري ۾ الفاظ رڳو دعا جهڙا ئي ڪلمات آهن ۔

يعقوب عليه السلام اصل ۾ تہ اُنهيء واعده الٰهي جي بڻياد تي تبصرو ڪري رهيا آهن جيڪو الله تعاليٰ ابراهيم عليه السلام سان ڪيو هو ۔

وَإِذِ ٱبْتَلَىٰٓ إِبْرَٰهِـۧمَ رَبُّهُۥ بِكَلِمَـٰتٍ فَأَتَمَّهُنَّ ۖ قَالَ إِنِّى جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ إِمَامًا ۖ قَالَ وَمِن ذُرِّيَّتِى ۖ قَالَ لَا يَنَالُ عَهْدِى ٱلظَّـٰلِمِينَ

۽ جڏهن ابراهيمؑ کي سندس پالڻهار ڪن ڳالهين سان پرکيو پوءِ اُهي پوريون ڪيائين، ۽ (الله) فرمايو ته آءٌ توکي ماڻهن لاءِ امام مُقرّر ڪرڻ وارو آهيان، (تڏهن ابراهيم) چيو ته منهنجي اولاد مان به (امام ڪندين؟ الله) فرمايو ته ظالمن کي اهو منهنجو انجام نه پهچندو. (2 124)

يوسف عليه السلام جو خواب ٻُڌي  يعقوب عليه السلام جي ڳالھ اُنهيءِ واعده جي علمي شڪل جو ذڪر آهي تہ هاڻ ابراهيم عليه السلام کانپوءِ الله تعالي يوسف کي بہ امام بڻائي رهيو آهي ۔ فرمايائون تہ

(سوره يوسف، آيت6)

وَكَذَٰلِكَ يَجْتَبِيكَ رَبُّكَ وَيُعَلِّمُكَ مِن تَأْوِيلِ ٱلْأَحَادِيثِ وَيُتِمُّ نِعْمَتَهُۥ عَلَيْكَ وَعَلَىٰٓ ءَالِ يَعْقُوبَ كَمَآ أَتَمَّهَا عَلَىٰٓ أَبَوَيْكَ مِن قَبْلُ إِبْرَٰهِيمَ وَإِسْحَـٰقَ ۚ إِنَّ رَبَّكَ عَلِيمٌ حَكِيمٌ

۽ اهڙي طرح تنهنجو پالڻهار توکي سڳورو ڪندو ۽ توکي خوابن جو تعبير سيکاريندو ۽ پنهنجي نعمت توتي ۽ يعقوبؑ جي اولاد تي اهڙي طرح پوري ڪندو جهڙي اڳ تنهنجي پيءُ ڏاڏي ابراهيمؑ ۽ اسحاقؑ تي پوري ڪيائين، بيشڪ تنهنجو پالڻهار ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. (6 12) ۔